صدين جون صدائون

عبدالله آکريش

صدين جون صدائون

(تقريرون)

ليکڪ: عبدالواحد آريسر

Rs. 12-00

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ٻه اکر......

"سنڌي قومي ڪتابي سلسلو"

شروع ڪرڻ جو مقصد، سنڌي ماڻهن کي، مٿان سنڌ تي ظلمت ۽ ڌاريي سامراج جي سازشن خلاف قومي شعور ڏيڻ آهي.

ان لاءِ عبدالواحد آريسر جي تقريرن جو هي مجموعو پهريون سبق آهي، جيڪو اداري پاران عام پڙهندڙن توڙي قومي ۽ سياسي ڪارڪنن جي گهرج آهر پيش ڪيو وڃي ٿو.

ادارو.

مهاڳ

انساني تاريخ ۾ جيئن ڏي روشني آئي آهي، اهي وقت ڪان تاريخ جي واضح روشنيءَ ۾ اسان ڏٺو آهي، ته ايشيا ۽ يورپ جي هر قوم، هر فاتح جرنيل سنڌي قوم جي وجود کي مٽائڻ ۽ ميسارڻ لاءِ ويهن ئي ننهن جو زور پئي لاتو آهي. جيڪڏهن سنڌ جي پوري سرزمين کوٽائي ڪجي ته ان جي هر ٽڪري ۾ ڪو نه ڪو موهن جو دڙو دفن ٿيل هوندو ۽ زمين جي هر گرانٺ جي هيٺان ڌارين جي هٿان، ڪٺل ڪنهن محب وطن سنڌيءَ جو غيرت مند لاش پوريل هوندو.

سنڌ جي ڌرتي جو اهڙو ذرو به نه هوندو، جنهن کي فاتحن جي گهوڙن نه لتاڙيو هجي ۽ جتي مظلوم سنڌين جو رت نه وهيو هجي.

تاريخ جي انهيءَ پوري جنگاهه، پوري لتاڙ، پوري ڦرڌاهه ۽ پوري قتلام، سنڌ جي تاريخ جي پيرن ۾ ڏاوڻ وجهي، ان جي ارتقائي رفتار کي روڪي ڇڏيو ۽ سنڌ جي ثقافت جي فطري اوسر کي جامد ۽ غير متحرڪ بڻائي ڇڏيو. ان جي باوجود سنڌ جي بهادر عوام پنهنجي قومي وجود کي برقرار رکيو آهي ۽ وڏي جاکوڙ، جدوجهد ۽ جانفشانيءَ سان سنڌي قوم جو وجود ۽ ان جي جامد ثقافت کي پنهنجي انفراديت سان گڏ اڄ جي باشعور نئين نسل تائين پهچايو آهي.

سنڌ جو اهو قديم ورثو، اسان، تائين، سنڌ جي باشعور نوجوانن تائين ۽ ويهين صديءَ جي تقاضائن جو آواز ۽ للڪار ٻڌندڙ نئين نسل تائين، جنهن حالت ۽ صورت ۾ پهتو آهي سا انتهائي ڏکي، ستائيندڙ ۽ پيچيده، ٽڪرائن جو شڪار، چوطرف هوڏار قومن، ملڪن ۽ نظرين جي يلغار ۽ گهيري هيٺ آيل

آهي، نظريہ ارتقا مطابق، هئڻ ته ائين گهربو هو، ته سنڌي قوم
جي فرزندن کي هر صبح، ڪائي پراسرار قوت، بلنديءَ ڏانهن
پرواز ڪرائي ها. هر نئون ڏڻ، پهرين کان جي ذهن، ۽ جسمن ۾
نيون اميدون، انوکيون امنگون ۽ بالاتر ارادا ۽ زندگيءَ سان
پيار پيدا ڪاري ها ۽ هر مهرانجهڙي شام سنڌين دلين ۾ لطف ۽
محبت جا پيالا ڀري اوتي ها. ليڪن جنهن نظام تحت سنڌ جو
عوام صدين کان زندگي گذاريندو آيو آهي ۽ جيڪو غلاميءَ
وارو سرشتو سنڌ جي عوام کي هر دور ۾ نصيب ٿيندو رهيو
آهي، تنهن فطرت جي ارتقائي چشمي جا نوسارا هن سرزمين تي
خشڪ ڪري ڇڏيا آهن، ۽ هر نئون صبح اسان کي بلنديءَ
ڏانهن نه بجاءِ، پستيءَ جي آڙاهه ۾ اڇلائي رهيو آهي.
گذريل هڪ سؤ سال هن ڪائنات جي ترقيءَ جو لازوال سرمايو
آهن. تن ۾ اسان هميشه وانگر غلامي، ذلت ۽ پستيءَ جي ڪڏ
۾ ڦٿڪندا رهيا آهيون.

نتيجي طور انسانيت جي مطمئن، شاندار، مسرت ۽ پرچاري
جا گيت ڳائيندا قافلي کان هزارين سال پوئتي رهجي ويا آهيون.
هاڻي پوري انساني برادريءَ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ سنڌي عوام کي
هن نظام مان ڇوٽڪاري کان پوءِ هلڻو نه، پر ڊوڙڻو پوندو.
صدين جو فاصلو سالن ۾، ۽ سالن جو وڇوٽ هفتن ۾ پورو ڪرڻو
پوندو. هيئر صورتحال اهڙي آهي، جو جيڪڏهن سنڌي قوم
ڊوڙڻ به چاهي ته ڊوڙي نه ٿي سگهي، ڇو ته سندس پيرن ۾
پيڙهيون پيل آهن، ۽ سندس پير ڪنهن حڪم کان سواءِ حرڪت
به ڪري نه ٿا سگهن. هن وقت سندس حالت انهيءَ مجرم وانگر
آهي، جنهن جو هڪ رستو جيل ۽ ٻيو ڦاسي گهاٽ ڏانهن هجي،
۽ ٻيا سڀ رستا ۽ راهون مٿس بند هجن.

صدين کان جيڪو ظالمانه ۽ غاصبانه نظام، هن قوم ۽
ملڪ تي مسلط ٿيندو رهيو آهي، جيڪو ڦرلٽ جي گرم بازاري

رهي، جهڙي رهٽ هٽي جي هر انسان جي احساس ۽ تمنائن کي
گهوڙن جي سنبن، سپاهين جي تلوارن، ڪوتوالن جي ڏنڊن،
جلادن جي ڇرين، وڏيرن، سردارن ۽ رئيسن جي حڪمن ۽ مفتين
جي فتوين بازين ڪچليو ڇڏيو ۽ هيسايو آهي، ۽ جهڙي طرح
مال ۽ دولت جي بکين جون هٽي حرفتون، اٽڪلون، چالاڪيون
۽ چالبازيون، پنهنجا جلوا ۽ جوهر ڏيکاريندڙيون رهيون آهن، تن
سڀني گڏجي بيشمار ذهني ۽ دماغي بيماريون پيدا ڪري ڇڏيون
آهن. خرابيون آهن ته شمار کان ٻاهر، اختلاف آهن ته ملڪ جي
پڙڪي وانگر ڪٽيل، جهيڙا ۽ جهڳڙا آهن ته انت بحر دي ڪل
نه ڪائي. وري چاره گر، معالج، حڪيم ۽ ٻرڪ ڏاهن جو ته
ڪاٿو ئي ڪونهي، هر هڪ جي حالت اها جو "واڻيون وڃه تيون
ڪوهه چاڙهن ڪيهي وڃ" هن قوم جي بدقسمتي اها آهي، ته
صديون گذري ويون، ڪيتي جڳ جاڙ ڪري ويا ۽ ماحول ڪيترا
ڦيرا ڪڍيا، دنيا ۾ انقلاب ۽ رد انقلاب جا چڪر هلندا رهيا، پر
هيءَ قوم آزاديءَ جو صحيح لطف ماڻي ته ٺهيو پنهنجي ماڳ، پر
آزاديءَ جي لفظ جي لذت چکڻ کان به محروم رهي آهي، ڪن
هر دور ۾ وڻندي اچ تائين آزاديءَ جي نالي ۽ نعري کان
مختلف طريقن، بهانن، حيلن حوالن سان روڪيو ويو آهي. نتيجي
۾ هن قوم جي ماڻهن کي شايد ئي انهيءَ تاثير ۽ اثر جي خبر
هجي، جيڪو آزاديءَ جو جهنڪلي گل پنهنجي اندر رکي ٿو.
جڏهن هن قوم کي هيءَ خبر پئي ته آزادي جو لفظ اچاريندي،
وطن پرست، موت جي منهن ۾ اڻين شوق سان هليو ويندو آهي،
جيئن ڪوئي ازل جو اڇائل روح مهنديءَ جي خوشبوءِ ڏانهن
هليو ويندو آهي. جڏهن هن قوم تصور جي ڪنن سان ڪنهن
مجاهد آزاديءَ جي اڌ وڍيل نڙيءَ مان 'آزادي آ اعلان امان
جڙ' جي مسحور ڪن موسيقي ٻڌي، ۽ جڏهن هن سر زمين جي
فرزندن کي معلوم ٿيو، ته ويٽنام جي جهنگلن، بنگله ديش جي

ويندين ۽ آفريڪا جي صحرائن ۾ موت جو فرشتو، انهيءَ لفظ ۾
جنهن جي قوت کان بچي ويو ۽ دنيا جي اڪيهن آزاديءَ جي
لفظ جي گردش سان موت جي فرشتي جا پر جلندا ڏٺا آهن،
وطن پرست جي آزاديءَ جي نعري سان تقدير جا ڪنڊيل ڪلف
جهماڪي سان ٽٽي پيا آهن. آزاديءَ جي صدا ۾ ڪڙڪ نه هوندو
آهي، غريب جي گجگوڙ نه هوندي آهي ۽ ضمير جي ملامت
نه هوندي آهي، تنهن ڪري اها پوري ڪائنات جي سچائين جي
صدا بڻجي ڪنهن ازل ۽ ابد جي لافاني نغمي جي تخليق جو
سبب بڻجي پوي ٿي.

جڏهن سنڌي قوم ۾ آزاديءَ جي اکر جي اهميت، پنهنجي
پوري پس منظر سان جاءِ وٺندي، انهيءَ وقت هو دنيا جي قومن ۾
پنهنجي مرتبي ۽ درجي تي سوچڻ شروع ڪندي، شايد هي
ننڍڙي حقيقت پوري ريت سندس ذهن ۾ ويهي وڃي، ته هيءَ
صدي اهڙي آهي، جنهن ۾ آزادي ۽ حريت جي هوائن، غلاميءَ
جا زنجير ٽوڙي ڇڏيا آهن، ڪٽ ڪاري رکيا آهن، ۽ قيدين جا
ڪوٽ جهوري ۽ پوري ڇڏيا آهن. هن صديءَ نه صرف ايشيا جي
مظلومن ۽ محڪومن کي غير ملڪي غلاميءَ مان ڇوٽڪارو
ڏيارڻو آهي، پر آفريڪا، لاطيني آمريڪا ۽ اوڀر يورپ ۾ سامراج
۽ سرمايه داريءَ جي ديو جو پوري ريت گهيرو ڪري، اهڙو ته
سوڙهو ڪيو آهي، جو سندس فرار ۽ بچاءَ جو ڪوبه رستو ۽
راهه نه بچي آهي. اڄ آزاد قومن جي گڏيل اداري ۾ اهڙو به
جهنڊو آهي، جنهن کي پنج لک انسانن جي نمائندگي جو اعزاز
آهي، ته اهڙو به سرخ پرچم آهي، جنهن کي ٥٧ ڪروڙ فولادي
انسانن جي نمائندگيءَ جو شرف حاصل آهي. اهڙو به ترنگو آهي
جنهن جي پٺيان اهنسا، عدم تشدد ۽ سول نافرماني ذريعي آزادي
جي امنگ ڪارفرما آهي، ته اهڙو به جهنڊو آهي، جنهن خونريز
۽ مسلح انقلابن مان اندلڪ جو رنگ ۽ روپ ورتو، انهيءَ اداري

۾ پهتو آهي، اهڙي دور ۾ انهيءَ صديءَ ۾ هلندڙ واقعن ۽ تحريڪن جي هوائن کان سنڌ پنهنجو پاڻ الڳ رکيو، ته اها هن سرزمين جي فرزندن جي وڏي بدقسمتي ٿيندي.

هيءُ وقت آهي جو سنڌ جو عوام پنهنجي قسمت جو نئين سر کان جائزو وٺي، نون لاڙن ۽ رجحانن مان اڳتي وڌڻ لاءِ مواد ميڙي ۽ گذريل معاهدن تي نظرثاني ڪري. اهڙا معاهدا جيڪي قومن کان سندن جدا وجود جو حق کسي وٺن، تن جي دائمي حيثيت کان انڪار ڪرڻ گهرجي. معاهدا ٻه طرفي مفاد ۽ هڪ ٻئي جي وجود جي بقا ۽ احترام تي مبني هوندا آهن. جڏهن ته ڪيل معاهدا صرف هڪ ڌر جي مفاد جي نگراني ۽ نگهباني جا وسيلا ۽ ذريعا بڻجي وڃن، ته پوءِ اهڙن معاهدن جو باقي رهڻ انسانيت لاءِ نقصانڪار ۽ انصاف جي ڳل تي چماٽ جو مثل هوندو آهي. سنڌ جي تاريخ ۾ اهڙا به معاهدا ٿيا آهن جن سنڌ کي تقسيم ڪيو. اهڙا به عهدناما ٿيا آهن، جن سنڌ جي دولت ايران ۽ قنڌار پهچائي. اهڙا به اقرارناما آهن، جن غلام شاهه ڪلهوڙي جهڙي انسان کي يرغمال بڻايو. اهڙا به صلحناما آهن، جن سنڌ کي هندوستان جو صوبو بڻايو. اهڙا به واعدا آهن، جن سنڌ جي وجود کي ون يونٽ ۾ ضم ڪيو. ڇا اهڙا معاهدا باقي رهيا؟ جيڪڏهن قومي مفاد خاطر ظالمانه ۽ غاصبانه معاهدا هن کان اڳ ۾ ٽٽندا رهيا آهن، ۽ سنڌي قوم انهن معاهدن ٽوڙڻ تي شرمندگي نه پر فخر محسوس ڪري ٿي، ته پوءِ ڪو اهڙو معاهدو ڇو اسان جي وجود جي خاتمي جو سبب بڻجي، جنهن تي صحيح ڪرڻ ۾ اسان ڀاڱيوار نه هئاسون.

دنيا جو ڪهڙو سياستدان آهي، ۽ ڪهڙي قوم آهي، جنهن معاهدا نه ٽوڙيا هجن، پوءِ اهو ڪٿي چرچل هجي يا ڪو ٻيو ڪير به.

اقوام متحده جي ميمبر ملڪن مان ڪن ملڪن جي

آدمشماري چند هزار آهي ۽ اهي ملڪ دنيا جي هن معززاداري ۾ پنهنجي باوقار حيثيت مڃائي چڪا آهن، ته پوءِ اهڙي حالت ۾ هڪ ڪروڙ ماڻهن تي مشتمل سنڌي قوم جو پنهنجي تاريخي، تهذيبي ۽ سياسي حيثيت کان بي خبر رهڻ، نه صرف هڪ تلخ حقيقت آهي، پر تاريخ جو وڏو حادثو پڻ آهي. هاڻي هي سنڌ جي باشعور انسانن تي ڇڏيل آهي، ته هو ڪيترو وقت سنڌي قوم کي پنهنجي مستقل حيثيت کان محروم رکڻ لاءِ حاڪمن جو هٿيار بڻجن ٿا.

هيستائين آءٌ سنڌي قوم جي غلاميءَ جي سلسلي ۾ ”صديون“ جو لفظ استعمال ڪندو آيو آهيان، انهيءَ مان ڪو ماڻهو اهو مطلب به ڪڍي سگهي ٿو، ته صديون جي عرصي ۾ سنڌي قوم جي اندر اهڙي ڪابه هلچل اهڙي ڪابه تحريڪ ۽ اهڙو ڪوبه لاڙو پيدائي ڪونه ٿيو آهي، جيڪو غلامي جي زنجيرن کي ٽوڙڻ لاءِ موثر ڪردار ادا ڪندو رهيو هجي. اهو نتيجو ڪڍڻ صحيح ڪونه ٿيندو، ۽ اهڙو نتيجو ڪڍڻ سنڌ جي تاريخ جي انهن لازوال انسانن جي قربانين ۽ جانفشانين کان لاپرواهي ۽ بي خبري ٿيندي، جيڪي هر دور جي اونده ۽ اوجهڙ ۾ پنهنجي فولادي ارادن سان روشني جا مينار پيدا ڪندا رهيا آهن، جن جي مقدس خون سرزمين سنڌ تي مهنديءَ جا گل پيدا ڪيا آهن.

هن سر زمين تي ڏکئي وقت ۾ بهارجا گونچ ۽ ڳاڙها گل پيدا ٿيندا رهيا آهن، پر پوهه جي پاري، انهن کي ساڙي ۽ سڪائي ڇڏيو آهي. اڄ تائين اهو رجعت پسندي ۽ غلامي جو پارو غالب ايندو رهيو آهي، شايد هاڻي ڪنهن وحشي دراوڙ جو خون باهه جا الا بڻجي هن سرزمين تي ڪري ۽ رجعت پسندي جي برف کي هميشه لاءِ ڳاري ۽ پگهاري ڇڏي ڪاش ائين ٿئي. هن گهٽ ۽ گهٽ، هن جمود ۽ بيپرواهي، هن لاتعلقي ۽ لاغرضي ڪيترا پنڪا ۽ پيڙهيون پڙپارگ ڪري ڇڏيون آهن. صديون جي

غير ملڪي تسلط اسان جي صحتمند قومي جسم ۾ جيڪي ناسور پيدا ڪيا آهن، تن ۾ آزاديءَ جي احساس جي خاتمي سان گڏ اسان جي قوم ۾ انتشار ۽ اختلاف جو پيدا ٿيڻ به آهي. اهو ناسور جيتوڻيڪ هاڃيڪار آهي، ته به لاعلاج نه آهي. وچئون وڃڻ ڪونه آهي ۽ ڏکيو فرق نه ڪرڻ جي حد تي نه پهتو آهي. قومن کي محڪوم رکڻ، کين هميشه لاءِ بيعزتو ۽ خوار ڪرڻ ۽ سندن تهذيب ۽ تمدن کي پيلي چٽ ۽ ناس ڪرڻ لاءِ حاڪمن طرفان اختلاف ۽ انتشار پيدا ڪرڻ، تمام پراڻو طريقو، جهونو هٿيار ۽ آزمايل نسخو آهي. فرعون کان ماؤنٽ بيٽن تائين ۽ چاڻڪيا کان سرڪاري اديب ۽ درباري فلسفي ۽ دانشور پنهنجي آقائن ۽ حڪمرانن کي اهو سبق پڙهائيندو آيو آهي ۽ پڙهائيندو رهندو. پر سنڌ ۾ اهو نسخو ڪجهه وڌيڪ ڪاريگريءَ، ڏاهپ ۽ اثرائتي نموني استعمال ڪيو ويو آهي، جو وقت گذرڻ سان گڏ ان جي اثرانگيزيءَ ۾ اضافو ٿيندو رهيو آهي. هتي هڪ مذهب جا ٻئي مذهب سان اختلاف، هڪ مذهب جي مختلف فرقن ۾ اختلاف، هڪ ذات جا ٻي ذات سان اختلاف، سان جا موالين سان اختلاف، شيعن جا سنين سان اختلاف، برهمڻن جا ٻِٽن سان اختلاف ۽ ساميين جا جوڳين سان اختلاف، سنڌ جي قومي جسم ۾ زهر وانگر پکڙجندا رهيا ۽ غلامي جي ڳنڍن کي وڌيڪ مضبوط بڻائيندا رهيا. وڏي ڳالهه، ته اختلاف اڀرڻ جو ذريعو زبان نه پر لٺ، ڪهاڙي ۽ تلوار کي سمجهيو ويو. اهڙي ريت سنڌ جو ماڻهو پنهنجي ويڙهاڪ فطرت، پنهنجي ئي ڀائرن ۽ هم وطنن خلاف استعمال ڪندو رهيو. غير ملڪي حڪمرانن انهيءَ تشدد کي جيڪو سنڌي عوام ۾ غيرن خلاف پرورش ورتي، سندن جسم جي رڳن جي ذري ذري مان باهه وانگر پڙڪي ٿي، وڏي هوشياري ۽ اڪل سان مقامي ماڻهن ڏانهن موڙي ڇڏيو. وڌيڪ ملن ۽ پنڊتن جي انهيءَ پرورشڪندا ته حاڪم خدا

جو ڀاڄوءَ ڀڳوان جو اوتار آهي، تنهنڪري سائنس ڪونسل مهني ٻئي جهان چٽ ڪرڻ، سنڌي عوام جي تشدد پسند طبيعت ڪـــي طاقت آزمائي جو ميدان صرف پنهنجن ڀائرن ۽ وطن ڀاوٺ ۾ ڳوڻ تي مجبور ڪيو. ڇو ته بهرحال طاقت ۽ قوت پنهنجي اظهار جو موقعو ڳوليندي رهندي آهـي ۽ پنهنجي استعمال لاءِ وقت تاڙيندي رهندي آهي.

اهڙي طريقي ســان سنڌين جون ڪهاڙيون ۽ بندوقون، باهمي قتل ۽ خونريزي جون ايتريقدر ته هيراڪ بڻجي ويون، جو بيشمار انسان انهن جو ڪاچ بڻجي چڪا آهن، بي انت جسم انهن جو گرهه بڻجي ويا آهن؛ لاتعدا جانئنا جوان خونريزيءَ جو شڪار ٿي چڪا آهن؛ سوين عورتون رنڙ بڻجي ويون آهن، ۽ هزارين ڳهوٺ باهمي فسادن ۾ گهائل ٿي چڪا آهن. مطلب ته فساد ۽ خونريزيءَ جي هڪ ڏکي ندي آهي، جنهن ۾ سنڌي عوام جو رت مهاراجا ڏاهرس جي شهادت کان هن وقت تائين وهندو آيـــو آهي انهيءَ پوري سر گذشت ۽ ماجرا جي پيدا ٿيڻ، انکي مضبوط بنائڻ ۽ اڳتي وڌائڻ لاءِ جوابدار ۽ ذميدار صرف غير ملڪي قبضو ۽ تسلط آهي پر انڻ کي خام مال، غلام قومن جي پيرن، وڏيرن، سردارن ۽ مذهبي مهندارن جون ٻانهن ۾ چڪريون ۽ هڪ ٻئي کان اڳيائي وارو جذ و ئي موجود ڪري ڏيندو آهي. باهرين قورو حاڪ ن جو نظام، پنهنجي شڪل و صورت سان ئي اختلاف، انتشار ۽ فرقي پرستي جو حامل هوندو آهي.

غلامي هڪ اهڙي لعنت آهي جيڪا نه صرف قبيلن جو احساس ڏياريندي آهي، پر انهن قبيلائي اختلافن کي قوت، طاقت ۽ خوراڪ پهچائي، سردارن جي هڪ ٻئي جي خلاف ڀڙڪارن سان همت افزائي ڪري، انهن جي پراڻن ويرن، پلاندن ۽ دشمنين کي چمڪائيندي رهندي آهي. انهيءَ ڪري قوم کي متحد ۽

منظم ڪرڻ لاءِ، ويرن ۽ ڀلارن جي ڇڪتاڻ مان آجو ٿيڻ لاءِ انهيءَ نظام ۽ انتظام جو خاتمو ڪرڻ ضروري ٿيو پوي، جيڪو قومي انتشار ۽ اختلاف جو ڪارڻ بڻيو آهي؛ اهو آهي غير ملڪي ۽ غير قومي قبضو ۽ تسلط. حقيقت ۾ اندروني خرابيون، ٻاهرين قبضي جي ڪري ئي پيدا ٿينديون آهن. موجوده دور ۾ سنڌ اندر ذات وار تنظيمون، انهن جون تاريخون، انهن جا شجرا ۽ سنڌن سربراه مقرر ڪرڻ ۽ پوءِ انهن سربراهن ۽ سردارن طرفان حڪمران ٽولي جي فائدي ۽ تائيد ۾ بيان بازيون، سڀ قومي وحدت کي ڪمزور ڪرڻ، ڪنهن مضبوط قوم پرست تحريڪ جو رستو روڪڻ ۽ قبيلائي انتشار کي هوا ڏيئي، محڪومي کي گهڻو وقت جاري رکڻ جا حربا آهن. اهي طريقا، جيڪي ٻاهريون سنڌ ۾ استعمال ڪري رهيون آهن، يعني ذات ۽ قبيلي وار تنظيمون ۽ جماعتون ٺاهڻ سي تمام پراڻا آهن؛ ۽ هر جاءِ تي مقامي محڪوم ماڻهن جي خلاف استعمال ٿيندا رهيا آهن. انهيءَ سلسلي ۾ ايشيائي نظام جي فلسفي جو ماهر فرانز فينن لکي ٿو:

"ڪڏهن ڪڏهن حاڪم ٽولو، قوميت جي وڌندڙ شعور کي روڪڻ لاءِ، يا انجو رخ موڙڻ لاءِ هٿ پير هڻندو آهي. هو انهيءَ سلسلي ۾ انقلابين جي خلاف پيرن يا وڏيرن جي مدد وٺڻ بجاءِ قبيلن ۽ برادرين کي جماعتن جي صورت ۾ منظم ڪري، قومي تنظيم جيڪا حاڪمن لاءِ حقيقي خطرو هوندي آهي، تنهن جي خلاف انتشاري گروهه پيدا ڪندو آهي، ۽ اهڙيون جماعتون اڀرنديون آهن جن جو بنياد صرف نسل تي هوندو آهي. قبيلن جا قبيلا حاڪمن جي هدايت تي جماعتن جي صورت ۾ منظم ٿي، انقلابي قوم پرستي جي راهه ۾ رڪاوٽ بڻيا آهن."[١٩] اها صورت حال جيڪا ڪان وٺي جاري آهي ۽ اختلاف ۽ انتشار جي باهه قومي وحدت جي قلعي ۾ ايتري قدر ته اثر ڪري چڪي آهي، جو سنڌي قوم جو لفظ ئي هڪ بي جان، ٽڙيل پکڙيل، بي ترتيب ۽ منتشر فردن جي انبوهه جي نشان دهي ڪري ٿو.

صدين کان وٺي قوم ۾ گهر ڪري ويل نفرت ۽ نفاق جي بيماري

جي ملاج جون ڳاهي ساهي ڪوششون ۽ ڪاوشون ڏينديون آيون آهن. انهن سڀني ڪوششن مان اسان جي صوفي بزرگن جي محبت واري تعليم کي وڏو مقام ۽ مرتبو حاصل آهي. صوفين، ناموافق حالتن ۾ نه صرف مختلف مذهبي فرقن ۾ اتحاد آڻڻ جي ڪوشش ڪئي، پر وحدت الوجود جي نظريه جي بنياد تي مختلف مذهبن ۽ قومن ۾ پڻ محبت ۽ پائڇاري جو جذبو اڀارڻ لاءِ بي پناهه جدوجهد ڪئي. انهيءَ جدوجهد ۾ هنن کي بي شمار تڪليفون آيون، پوءِ به اهي پاڪباز ۽ نيڪ خانه محبت جا الستي مست پنهنجو ڪم ڪندا رهيا، پر انهن جي تعليم ۽ تربيت به امن ۽ آشتي جو سبق سيکارڻ جي باوجود سنڌ جي قومي وجود کي آزادي ۽ خود داري سان همڪنار ڪرڻ ۾ پوري ريت ڪامياب نه ٿي.

جيتوڻيڪ هي حقيقت آهي، ته مذهبي ڇڪتاڻ کي گهٽائڻ، مختلف مذهبن جي پوئلڳن ۾ محبت ۽ پائيڇاري جا جذبا پيدا ڪرڻ لاءِ جيترو ڪم سرزمين سنڌ جي صوفين سرانجام ڏنو آهي، اوترو شايد ئي دنيا جي ٻئي ڪنهن ملڪ جي ڪنهن مصلح پاڻ پتوڙيو هجي. تاهم انهن صوفين جون اصلاحون، رياضتون، مشقون، خانقاهون، ذڪر، اذڪار، ورد وظيفا ۽ ڪنبڻ ۾ چلي ڪشيون، سنڌ جي عام ماڻهو جي سمجهه ۽ پهچ کان ٻاهر هيون. جنهن ڪري انهن صوفين جي جيڏري شايد ئي ڪو ماڻهو وڃي اڻيضياب ٿيڻ لاءِ ويو هجي. پر انهن جي مرڻ کان پوءِ اڪثر انسان جا ميڙ بزرگن جي قبرن تي اولاد ۽ رزق ۾ برڪت وجهڻ شروع ڪندا هئا. جيڪڏهن ڪنهن بزرگ، صوفين جي مخصوص ماحول ۽ اصطلاح مان نڪري وطن جي آزادي ۽ قوم جي معاشي، معاشرتي ۽ اقتصادي خوشحالي لاءِ پاڻ پتوڙڻ شروع ڪيو به آهي، ته وقت جي جابر حڪومتن، ڌارين ۽ غاصب حاڪمن ۽ ديسي دلالن، انهيءَ بزرگ کي صوفيءَ کان وڌيڪ سياستدان سمجهي، ڇني ۽ مشهور ڪري ڪيس انتهائي بيدردي سان شهيد ڪري ڇڏيو آهي. مخدوم بلاول ۽ شاهه عنايت شهيد جا مثال سنڌ ۾ صوفين جي باشعور ۽ وطن دوست ذهنيت سان گڏ مخصوص مسلمان فاتحن جي

ڏاڍيلن ۽ رهزن واري ذهنيت جي نشان دهي نٿا ڪن. جيڪڏهن مسلمان اسپين تي حملو نه ڪن ها؛ جيڪڏهن هو ترڪيءَ تي يلغار نه ڪن ها؛ جيڪڏهن هو آفريڪا جي صحرائن ۾ مظلوم انسانن جي لاشن تي گهوڙا نه ڊوڙائين ها؛ جيڪڏهن هو برصغير هند جي مهندي رتڙيءَ تهذيب کي دونهاڙيل نه بنائين؛ پر صرف مخدوم بلاول ۽ شاهه عنايت جي شهادت ئي هنن کي دنيا جي تاريخ ۾ هن جو مصداق بنائڻ لاءِ ڪافي هئي ته "مسلمان طاقتور هجڻ جي حالت ۾ بدترين ظالم ۽ ڪمزوري جي صورت ۾ بهترين فرمانبردار هوندو آهي." شايد اردو جو طنزنگار اديب شوڪت ٿانوي مسلمان فاتحن جي مخصوص ٽولي جي انهيءَ ذهنيت کان واقف هو؛ جڏهن هن هي حقيقت بيان ڪئي، ۽ شايد هن جي پوري ادبي عمر ۾ اها ئي حقيقت سندس قلم مان نڪتي ته:

(١) ڪمزور هو دشمن تو فولاد هے مؤمن،
انگريز هو حاڪم تو اولاد هے مؤمن-
فرشتون ڪو هے شڪوه ڪه ڪم آميز هے مؤمن،
حورون ڪو هے شڪايت ڪه بهت تيز هے مؤمن.

سنڌ جي صوفين پنهنجي تعليم ۽ تربيت ذريعي سنڌ جي حاڪمن جي ذهنيت ۾ ايڏي عظيم الشان تبديلي آندي، جو هو مسلمان فاتحن جي جارحانه عادت تي هلڻ بجاءِ صلح، امن ۽ انسانيت دوستي جي عظيم قدرن جا علمبردار ۽ نگهبان ٿي رهيا. اها صوفين جي ئي تعليم هئي، جنهن سنڌ جي بي بهاءَ لاڪيڻي ۽ درويش صفت بادشاهه ڄام نظام الدين کان هي چوايو ته:

اهو ڏينهن نه اچي جو آءٌ پنهنجي گهوڙي تي چڙهي پر وارن بادشاهن تي حملو ڪريان."

صوفين جي ئي جماعت مان سرزمين سنڌ جو لاثاني انسان لطيف پيدا ٿيو. صوفين مان لطيف پهريون شخص آهي، جنهن سنڌي قوم جي زبان ۾ سندس عوامي اصطلاحن ۾ سائس ڳالهايو ۽ انکي صدين

جي مصيبت کان ڇوٽڪاري لاءِ جنجهوڙيو. لطيف کي رکي رکي پروڙ هئي ته سنڌين جي هستي جو ڪارڻ غير ملڪي غلامي ئي آهي اها اهڙي لعنت آهي جنهن سنڌين ۾ اختلاف ۽ انتشار جي باهه ڀڙڪائي ڇڏي آهي. جڏهن هو چوي ٿو ته:

ڪٿا منجهه قرار هئا هيڪاندا سنگ ۾، ڳاهي ڳالهه فراق
جي ڪيا ڌارون ڌار، ته ڇانا پيهر ڪير ملندو ڪنهن سان!

انهيءَ بيت مان هن حساس قوم جي نبض شناس حڪيم جي احساس ۽ سوچ جو اسانکي پوري ريت سراغ ملي ٿو. هو سنڌين کي اهو وقت به ياد ڏياري ٿو، جڏهن اهي اتحاد ۽ ٻڌي جي سنگ ۾ قرب ۽ قرار سان رهيا پيا هئا. پنهنجي پيدائشي سرزمين تي مزي ۽ آزاديءَ سان زندگي گذاريندا هئا. ۽ پوءِ فراق جو فرق پيو ۽ وطن جا فرزند، ذهني، سماجي ۽ نفسياتي طرح هڪ ٻئي کان ڌارون ڌار ٿي ويا. اهو فراق جو (ڳاهه) شاهه صاحب جي نظر ڌارين جا حملا، فاتحن جون هلائون، غاصبن ۽ غلام بنائيندڙن جون چڙهايون، لٽيندڙن ڦريندڙن جون هڪ ٻئي پٺيان ڪاهيون آهن، جن وطن عزيز جي فرزندن جي ڳچيءَ ۾ غلامي جو ڳٽ وجهي، کين ڇڙ و ڇڙ، منتشر، پريشان ۽ ڌارون ڌار ڪري ڇڏيو. کين معاشي ۽ اقتصادي طرح ايترو قدر تنگ دست، سيڙ ۽ بکيو بنائي ڇڏيو جو هرڪو پنهنجي گذران لاءِ پريشان ۽ حيران ٿي ويو. منجهائن ڪنهن اعليٰ قدر ۽ نصب العين جي سوچ، ڳولا ۽ جستجو نڪري ويئي. انهيءَ حالت کان اڳتي وڌندي، لطيف انسان کي پکين کان اتحاد ۽ وڳر ڪري رهڻ جو سبق سکڻ جي تلقين ۽ تبليغ ڪري ٿو.

وڳر ڪيو وتن، پرت نه ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن، ماڻهو نٿا ميٺ کهڻوا

پکين جي پاڻ ۾ پرت نه ڇنڻ ۽ وڳر ڪيو وتڻ جو وڏو سبب هي آهي ته هنن جي جنس مان ڪوبه سندن محنت ۽ جدوجهد جي ڦل کان کين محروم نه ٿو ڪري. هنن مان ڪوبه ٻئي جي محنت

تي ٿئو پلجي، ڪئهن ۾ به سنڌ هم جنس سان ورهڻ ۽ ڪونسڻ جي عادت ڪانهي. هنن جا ڏک ۽ سک، هنن جي زمين ۽ آسمان، هنن جا آکيرا ۽ آشيانه، هنن جا گيت ۽ مرثيا، مشترڪ، هڪ جهڙا ۽ گڏيل آهن. هنن جو مقصد هڪ، منزل ساڳي ۽ ماڳ مقرر آهي. آئين ۽ چاڙهين سنڌن سرمايو ۽ محنت ۽ مسلسل محنت سنڌن ڏنڌو ۽ جستجو ۽ تڙپ سنڌن ڪائنات، آزادي ۽ آرام سنڌن انتهائي مسرت. انجي ابتڙ انسان ڇڙ وڇڙ انهيءَ وقت ٿين ٿا جڏهن سنڌن محنت جو ڦل ڦريو وڃي ۽ سنڌن جستجو تي بندش ۽ آزاديءَ سان هلڻ کان روڪڻ لاءِ سنڌن پرن ۾ ڏانڊا بيڙيون وڌيون وڃن لطيف وطن چاڻن کي اها آزادي ۽ نغميءَ واري زنـــدگي گذارڻ جـــا ڏس پتا ۽ نشان ٿو ڏئي. حقيقت ۾ سنڌي قوم جي اتحاد ۽ آزادي جو ذهني، فڪري ۽ نظرياتي طور علمبردار ۽ پيامبر لطيف ئي آهـــي. اڄ به سنڌي دانشور جڏهن اهو چون ٿا ته ورها گي وقت سنڌ ئي هئي، جتي جو انسان ۽ سر زمين ڪنهن به وڳوڙ، فساد، خونريزي ۽ ويڙ ڌير کان پاڪ رهيا، ته اهو صرف لطيف جي تعليم جو اثر هو ۽ آهي.

لطيف اهو خود دار، غيرت مند، محب وطن ۽ بــا اصول شاعر ۽ مفڪر آهي، جنهن صوفين جي روايت کان بغاوت ڪندي، گوشي نشيني ۽ درويشي کي ترڪ ڪري، سنڌ جي معصوم ۽ ابوجهه عوام سان رابطو قائم ڪيو ۽ فڪر ۽ مراقبي جي بجاءِ قوم پرستي ۽ وطن دوستيءَ جو پرچارڪ ۽ مبلغ بڻجي ويو. هن آخرت جي بدران سنڌ ۽ سنڌي قوم جي شاندار ۽ روشن مستقبل لاءِ پنهنجون لاتيون، باتيون ۽ آيتون، تنبوري جي تنوار تي سنڌ جي ازلي ۽ ابدي فضا ۾ اتهاس جي رنگن وانگر پکيري ڇڏيون. شاهه وقت جي وهڪري کان ڪار ٿي، پنهنجي سدا زنده شاعريءَ کي دربارن کان دور ڪري، سنڌ جي ڏنارن جي لافاني زبانن تي جاري ڪري ڇڏيو.

هن پنهنجي ڪشتي ۾ صرف اها خيرات قبول ڪئي، جيڪا سنڌ جي عوام ڪيس مرڪن ۽ لڙڪن جي صورت ۾ ڏني. جنهن اگهاڙي حقيقت کي ڪي دانشور هرويرو لباس ڍڪائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا،

تنهن حقيقت کي شاهه ننگي ٿيل ڏٺو ۽ محسوس ڪيو ته انسان جي فطرت جڏهن صحيح معنيٰ ۾ بيدار ٿي پوندي، ان وقت مظلوم، ظالم جي هر شيءِ کان نفرت ڪندو. انجي هر آڇ کي انتهائي حقارت ۽ نفرت سان ٺڪرائي ڇڏيندو ۽ مظلوم لاءِ پنهنجي آقائن کي قتل ڪرڻ کان سواءِ ۽ انهن جي ڪوٺن کي ڪيرائڻ کان علاوه ڪوبه رستو نه رهندو. جڏهن مظلوم انسان، ظالم ۽ غاصب قوتن کان ڪنهن به چڱائي ۽ نيڪيءَ جي اميد رکڻ جي بجاءِ مڪمل مايوس ۽ نا اميد ٿيو پوي، ان وقت هر وطن دوست قيدي جي روح ۽ ضمير جي گهراين مان هي آواز نڪري ٿو ته: ”سنهنجي آهه اها، ڪڏهن ڪيرائيندين ڪوٽ کي.“ اهڙي وقت ۾ ڪا خيز ران ڪنهن هارون رشيد جو بسترو گرم ڪرڻ بجاءِ، انکي زندگي جي گرسي ۽ حرارت کان محروم ڪندي آهي. ۽ صبح وٺي ڪو ابونواس شاعري جو قصيدو ڪٺي، در ٻار شاهي ۾ حاضر ٿيڻ بجاءِ، گولين جو سينهن وسائيندو آهي.

ظالم طاقت لاءِ اهو ضروري نه آهي ته هرو ڀرو ٻاهران مسلط ٿيل هجي. اندروني قومي حاڪم جڏهن اگهاڙي آمريت ۽ عوامي راين رجحانن، لاڙن ۽ اميدن جي قتل ۽ غارت گري تي لهي اچن، ۽ هنن جي وقت جو اسي سيڪڙو حصو صرف پنهنجي ذات جي بجاءِ ۽ بقا جي بندوبست جي تجويزن، اٽڪلن ۽ عياشيءَ جي تدبيرن تي خرچ ٿيندو هجي، اهڙي وقت ۾ اهو حاڪم پنهنجي پوري وجود، راڄ لشڪر، نظام حويلين ۽ ڪوٺن سميت دفن ڪرڻ لائق آهي. سومرن جو مثال اسان جي سامهون آهي. هو اهي باغيرت سنڌي هئا، جن عرب ۽ پٺاڻ سامراج سان مڙسائيون چوٺون ۽ چڪريون کائي سنڌ ۾ نيج قومي حڪومت جو بنياد پيو دفعو برپا ڪيو.

ليڪن انهن جو ٺي هڪ سردار ۽ حاڪم جڏهن ظلم ۽ ذلت تي لهي اچي ٿو، ان وقت شاه صاحب، انهيءَ (ڪوٽ) يعني پوري نظام، سسٽم، سرشتي ۽ دستور جي تباهي ۽ بربادي لاءِ مشورو ۽ ڏس ٿو ڏئي. سوچڻ جي صرف هي ڳالهه آهي ته زيادتي صرف هڪڙي ماڻهو عمر جي آهي. ليڪن ماءِ وني انهيءَ پوري ڪوٽ کي ئي مسمار ڪرڻ ٿي چاهي. جنهن ڪوٽ، جنهن تخت ۽ تاج سنڌ جي عوام کي ظلم جي گهاڻي ۾ پيڙڻ شروع ڪيو آهي ۽ جنهن سنڌ جي شاندار قوم ۾ راڄا ۽ پرجا ۾ نفرت ۽ نفاق پيدا ڪيو آهي، اهڙي ڪوٽ اهڙي

تاج ۽ تخت، اهڙي حڪومت ۽ بادشاهيءَ کي بهرحال ختم ٿيڻ گهرجي، جو ته اها حڪومت، قوم ۾ اتفاق ۽ ٻڌي ٻڌيءَ بجاءِ نفرت ۽ انتشار پيدا ڪري ٿي. اهڙي حڪومت جيڪا ملڪ جا پورا وسيلا پنهنجيءَ ٻي بچاءَ جي چالن ۽ طريقن تي خرچ ڪري ٿي؛ عوام جي بنيادي حقن جي حفاظت بجاءِ انهن جي پائماليءَ تي سندرو ٻڌي قوم جون لڇون لٽڻ شروع ڪري ٿي، تنهن کي باقي رهڻ جو ڪوبه حق ڪونهي.

١٩٤٧ ۾ برصغير ۾ آيل پونچال، هن خطي ۾ جتي پين انيڪ خرابين کي جنم ڏنو، اتي شاهه لطيف جي فڪر ۽ انجي روشني ۾ تعمير ٿيندڙ نئين سنڌ کي ڪاپاري ڌڪ هنيو. اهو ڌڪ هڪ قوم کي ورهائي پڻ اڌ ڪرڻ، تهذيب ۽ ثقافت جي روايتن کي چڙوچڙ ڪرڻ ۽ سنڌي قوم جي وجود جي مڪمل انڪار ڪرڻ لاءِ هڪ سوچيل، سمجهيل ۽ سٽيل سازش تي مبني هو. اهو حادثو جيڪو يو پي ۽ لاهور جي تخريبي ۽ سازشي ذهن جي پيداوار هو. تنهن صوفين، درويشن ۽ الله لوڪن جي هزارها سالن جي محنت سان تعمير ڪيل محبت ۽ الفت جي آکيري کي نفرت جي باهه جي حوالي ڪري ڇڏيو. وطن جي لازوال محبت ۽ بي پناهه عشق کي ڪفر ٺهرائي، قطرت جي صدين جي پالوٽ ۽ فياضي جي ذريعي وجود ۾ آيل حقيقتن ۽ صداقتن تي انساني سازشن کي ترجيح ڏيئي، انسان جي سرتبي ۽ مان جي بيعزتي ڪري سائنسي دور ۾ ڪن وهمن، وسوسن ۽ ڦيٽن ڦڪين جي آڌار تي ماڻهن کان وطن جا ڪک ۽ اباڻا اجها ڇڏايا هن سرزمين تي جيڪي انسان صدين کان پنهنجي وجود ۽ شعور سان سنڌ جي تاريخ ۽ تهذيب جي اوسر ۽ واداري جو سبب بڻيا هئا، جن جي سوچ ۽ لوچ سان وطن پرستي ۽ قوم پروريءَ جي روشنيءَ جا ڪرڻا ماحول ۽ ملڪ کي سنور ڪندا رهيا، جن جون سچ ڪوڙيءَ جهڙيون دليون، انسانيت دوستي جا نغما آلاپيندڙيون هيون، جن جي نس نس ۾ لطيف جي پيغام ۽ فڪر جون سيخون لڳل هيون، جن جي موجودگي سرزمين سنڌ جي هر سنڌ ۽ سوسم ۾ سونهن ۽ سچ، حسن ۽ حقيقت، زندگي ۽ زنده دليءَ جي جذبن جي تخليق جو ڪارڻ هئي ۽ اهي ئي هئا جن جي ڪري ساري ڏيهه ۾ خوشي ۽ خوبي، مسرت ۽ محبت جي سرهاڻ پکيڙيل هئي. تن کي جلاوطن "جسماني، طرح ٿيڻو پيو. انهن جي جاءِ تي اهي ماڻهو آيا، جن جو هر اخلاقي قدر رت هاڻو

آهي. انهن جي نظريہ ۽ مذهب پٺيان نفرت جا انبار، رت جون نديون، غلامن جون قطارون، ٻارڙن جون چيخون، پڪڙون ۽ ٽٽل عصمتن جي آبگينن جون ڪرچيون آهن. انهن جي تهذيب جو ڪل سرمايو چاپلوسي، بداخلاقي، خونخواري، ملڪ ۽ قوم سان غداري ۽ چڪلن جي شب بيداري آهي. جن جي طبيعت ۾ قرماري، مزاج ۾ بدڪرداري ۽ سرشت ۾ دغابازي آهي. انهن اڄي پنهنجي آقائن ليڊرن ۽ سرپرستن جي معرفت هن ملڪ کي پنهنجي ڪالوني بڻائي ورتو آهي ۽ مقامي قوم کي پوري ريت نوآبادياتي نظام ۾ جڪڙي ڇڏيو آهي. حقيقت ۾ ٻاهران آيل ماڻهن جي هن ملڪ ۾ حيثيت اها ساڳي آهي، جيڪا ڪانگو ۾ بيلجم جي، الجزائر ۽ گهانا فرانس جي ۽ انگولا، موزمبيق ۽ گني بساءَ ۾ پرتگال جي هئي. اڄ جڏهن هي لفظ لکي رهيو آهيان ان وقت سچي پچي اڄ پنهنجي ملڪ ۽ قوم کي بيٺڪي نظام ۾ جڪڙيل سمجهان ٿو مڃان ٿو منهنجي] ساڳيون آفريڪا جي انهن ملڪن جو سياسي سماجي ۽ معاشرتي نقشو موجود آهي، جيڪي يورپ جون ڪالونيون بڻيل هئا. انهن ملڪن ۾ مقامي ماڻهن جا اسڪول ۽ يورپي لوڪن جا اسڪول، مقامي ماڻهن جون بستيون ۽ يورپي حاڪمن جون بستيون، مقامي ماڻهن جون اسپتالون ۽ يورپي آبادگارن جا شفاخانا، هڪ ٻئي کان مختلف، هڪ ٻئي کان پري، هڪ ٻئي کان اعليٰ ۽ ادنيٰ هوندا هئا.

ساڳي حالت سنڌ ۾ سنڌين ۽ پناهگير جي رهائش ۽ بود باش جي آهي. هڪ طرف لياري آهي، جنهن ۾ سنڌي رهن ٿا، جتي گندگي اونده، بدبوءِ، بيماري ۽ پاڻيءَ جي اڻاٺ آهي. ٻئي طرف محمود آباد آهي، جيڪا پيرس جو ڏيک پيئي ڏيندي آهي. هڪ طرف عزيز آباد آهي، جيڪا هر وقت روشنين ۽ رنگن ۾ ٻڏل هوندي آهي، ته ٻئي پاسي پانگريا ڳوٺ آهي، جنهن ۾ ديوين جا جهنگ، ڪچا جهوپڙا، مڇر ۽ ڪني پاڻيءَ جا ڍبا آهن. پانگريا ڳوٺ ۾ جيڪڏهن ڪنهن غير سنڌيءَ جو گهر هوندو ته اهو وڏيري جي سوريت وانگر سينگاريل هوندو ۽ عزيز آباد محمود آباد ۽ ظفر آباد ۾ جيڪڏهن ڪنهن سنڌيءَ جو گهر هوندو ته اهو ڪنهن بيوه جي بخت وانگر اونداهيءَ ۾ ٻڏل هوندو. ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ پناهگيرن لاءِ ٺهيل اسڪول زندگيءَ جي هر سهوليت سان مالامال ۽ سنڌ جي ٻهراڙيءَ جا اسڪول

ڏينهن جي روشنيءَ کان محروم. اسپتالن جي ٻاهران سنڌي مريض اُٿين پيا هوندا، جيئن بيابان ۾ ڪوچڙن جو قافلو ۽ پناهگير اسپتالن ۾ اُئين آرام سان هوندا جيئن عباسي خليفن جي محلاتن ۾ قصيده گو شاعر. ٻاهران آيل ماڻهن جي مسجد ۽ مقامي ماڻهن جي مسجد ۾ به فرق هوندو آهي. ٻاهرين جي مسجد ۾ خدا تعاليٰ جي اطاعت بجاءِ ظالمن، غاصبن ۽ بدڪردارن جي اطاعت جي تعليم ڏني ويندي آهي. اِهي انساني اتحاد جهڙي عظيم مقصد کي پنيرو اڇلائي، فساد، جهڳڙي، نند وڏائي، ڪافر مومن، پاڪ پليت، جنتي دوزخي جي تقسيم جا پروانا جاري ڪيا ۽ ورهايا ويندا آهن. انهيءَ مسجد ۾ اعليٰ روحاني ۽ اخلاقي قدرن جي تعليم بجاءِ ابن قاسم ۽ اقبال تي ايمان آڻڻ جي تلقين ۽ تبليغ ڪئي ويندي آهي. مقامي ماڻهن جي عبادتگاهه معمولي ننڍڙي ۽ سادي هوندي آهي ۽ ٻاهران آيل ماڻهن جي عبادت گاهه ڪنهن حرام خور سيٺ جي پيٽ وانگر وڏي ڪشادي ۽ وبڪري هوندي آهي. اسان ڏسون ٿا ته هڪ طرف ٻاهران آيل ماڻهو آهن. جيڪي علم، هنر، فن ۽ ڪاريگريءَ جا مالڪ بڻيا ويا آهن. جن وٽ بيشمار دولت آهي، عاليشان جايون آهن، بي انداز دڪان ۽ تجارتي مرڪز آهن، بهترين ڪاڌا آهن، خوبصورت ڪپڙا آهن، وندرگاهون آهن. ٻئي پاسي ڪاوڙيل چهرا، ڏٻرا ۽ بيمار جسم، ڦاٽل ڪپڙا، بکيا پيٽ، اجهي کان محروم. اهو آهي سنڌي عوام هن سرزمين جو اصلي مالڪ. مطلب ته هتي ڏيڍ ڪروڙ آدم رهي ٿو، هڪ ڪروڙ سنڌي ۽ اڌ ڪروڙ غير سنڌي. هر طرح جي مصيبت ٻهرين جي حصي ۾ ۽ هر طرح جو عيش ۽ آرام پوئين جي ڀاڱي ۾. انهن ٻنهي جي وچ ۾ ننڍا وڏا زميندار، اسلام پسند دانشور ۽ نام ڪميونسٽ ورڪر، ننهن کان چوٽيءَ تائين ڪوڙا، مصنوعي ۽ بناوٽي، جن جو ڪم دلالي آهي، اهڙا دانشور، ورڪر ۽ انهن جا استاد گهڻنڊڙ ڪوڙ ۽ ڳالهائيندڙ فريب آهن. جڏهن به سنڌي عوام سان ٿيندڙ جنهن، ناانصافين ۽ حق تلفين خلاف آواز اٿاري ٿو، رڙي ڪوڪي ٿو ته هڪدم اهي دانشور ورڪر فلسفي ۽ تعليمي ماهر وڏي دانائي، ڏاهپ ۽ (خيرخواهي) سان سنڌين کي چون ٿا، ته نفرت چڱي شيءِ ڪانهي. اهي اسلامي، پورهيت ۽ انسان پائر آهن. هي سڀ ڪجهه هنن محنت ۽ جاکوڙ سان حاصل ڪيو آهي. هي نوان سنڌي آهن ۽ توهان پراڻا سنڌي آهيو.

نون ۽ پراڻن سنڌين جي اصطلاح تي هن وقت سونکي سينيگالي قوم پرستن جو هي مقولو ياد اچي رهيو آهي، جيڪو هنن صدرسينگ هور جي يورپين متعلق پاليسي تي چيو هو:

”اسان جو مطالبو ۽ گهر آهي، ته آفريڪي عوام کي آفريڪا جي ذري ذري جو مالڪ ۽ مختار بڻايو وڃي ۽ اسانجو ليڊر يورپين کي آفريڪي بڻائڻ جوڻ ۽ مشهور ڪرڻ ۾ مشغول آهي.“

هي پنهنجي جاءِ تي حقيقت آهي ته قومون نيون يا پرائيون نه ٿينديون آهن ۽ نه وري سرزمين سنڌ قومن ٺاهڻ جي مشين يا فيڪٽري آهي، جنهن جو ڪم صرف هي هجي ته روز قومن جا نوان ماڊل تيار ڪندي رهي. جيڪي ماڻهو لڏ پلاڻ ۽ ڪنهن منصوبي تحت پاڪ نالن جي آڙ ۾ هتي اچي، هن ملڪ ۽ انجي عوام جو استحصال ڪن ٿا ۽ پنهنجو رشتو صرف آسماني اعلانن تي رکن ٿا، تن جو سرزمين سنڌ سان ڪوبه واسطو نه آهي. اهي سنڌي قوم جي حصن ۾ ذرو به ڀائيوار نه آهن. اهي سنڌي قوم جو جزو، حصو ۽ پاڳو نه آهن. جيترو وقت هتي رهيا، اسان انهن کي ائين تصور ڪنداسين، جيئن انگريز برصغير ۾ ۽ فرينچ الجزائر ۾.

سنڌ جو عوام پنهنجي مجبورين لاچارين ۽ بيوسين جي باوجود سمجهي ٿو ته ڌارين وٽ جيڪا دولت آهي، تنهنجو بنياد سنڌين جي غلامي تي رکيو ويو آهي. انهن ماڻهن جي ڳورن جسمن ۾ سنڌي عوام جو رت آهي. انهن جي دڪانن جي رونق ۾ سنڌي قوم جي بکهر ۽ پورهئي سان اضافو ڪيو ويو آهي. اهو سڀ ڪجهه سنڌي قوم جي ملڪيت آهي، جيڪا ڪانئن اسلام جي آڙ ۾ ڦري ورتي آهي.

سڄين سنڌ ۾ اهو احساس ته هتي جي هر شيءِ جو مالڪ سنڌ جو بهادر ۽ دلير عوام آهي، نهايت تيزيءَ سان پکڙندو پيو وڃي ۽ سنڌ جي هر طبقي ۽ پيشي جو ماڻهو پنهنجي وطن جي حيثيت ۽ ڪيفيت کان پوري ريت واقف ٿيڻ لڳو آهي ۽ هن وقت جنهن قسم جي واند هن ملڪ ۾ رچائي پئي وڃي جنهن قسم جي ڪيڏ ڪيڏي پئي وڃي، تنهنجي خاتمي لاءِ سنڌ جي شهري آبادي توڙي ٻهراڙيءَ جا رهاڪو ڪي قدر پاڻ پتوڙڻ لاءِ تيار ٿيا آهن. هن وقت اسان کي وايو منڊل ۾ جيڪا سجاڳيءَ ۽ جاڳرتا جي سرهاڻ ۽ جوت نظر اچي ٿي، ان گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ سنڌ جي ڳالهه جو هڳاءُ آهي، ٻاڙيءَ ٻاڙي تي

کي ٻول ۽ رنگ رتول آهن، گليءَ گليءَ ۾ ڪنهن انوکي گيت جي گونج آهي، سا ڪا خود بخود قوت ڏيڻ سان يا ڪنهن بزعم خود برک ڏاهي جي قلمي اڪٽ ساري سان پيدا ڪانه ٿي آهي. جهڙي حالت هن ملڪ ۽ قوم جي ۱۹۴۷ع ڪانپوءِ ٿي هئي. تنهنکي ڏسي ڪير ٿي چئي سگهيو ۽ ڪنهن ٿي گمان ڪيو ته سنڌ ۾ وري به لطيف جي لاٽ پنهنجو اثر ۽ تاثير ڏيکاريندي. پر جهڙيءَ طرح عربن، ايرانين، مغلن، ارغونن ۽ پٺاڻن جي سلسل حملن ۽ يلغارن ذري گهٽ سنڌيت جي وجود کي ناس ۽ نابود ڪيو هو ۽ نجي انهيءَ جارحيت جي خاتمي جي علامت لطيف جي روپ ۾ ظاهر ٿي ۽ لطيف جنهن سڪاو ۽ آبادي جو خواب ڏٺو سو غلام شاه جي دور ۾ مڪمل ٿيو. بلڪل ساڳي طرح انگريزن جي اچڻ ۽ وڃڻ پناهگيرن، پنجابين جي وارداتن سان سنڌ ۽ سنڌي قوم کي پنهنجو وجود صحيح سلامت رکڻ، اڳتي وڌائڻ ۽ پنهنجي تاريخي حيثيت سڃاڻڻ لاءِ جدوجهد ۾ ڀرپور حصو وٺڻ لاءِ قدرت جي. ايم. سيد کي پيدا ڪيو. هن عظيم ۽ اڏول شخصيت سازشن ۾ گهيريل سنڌ ۽ سنڌي عوام لاءِ اهو ڪردار ادا ڪيو آهي جيڪو لطيف پنهنجي لافاني پيغام ذريعي تخليق ڪيو هو.

ڏکين وقتن ۾ چڙو چڙ ٿيل قومن ۾ ڪي شخص پنهنجي جدوجهد ۽ قربانيءَ ذريعي قومي اتحاد ۽ عوامي چونڪاري جي راه ۾ نشانيون بنجي ويندا آهن. هنن جو وجود قومي جدوجهد جي تاريخ جو عنوان هوندو آهي ۽ هو آزاديءَ جي تاريخي رفتار جا سنگ ميل هوندا آهن. جن کان سواءِ آزاديءَ جي تحريڪ غير معروف بنجي ويندي آهي.

اڄ جي سنڌ ۾ جي. ايم. سيد ئي اهڙا شخصيت آهي، جنهن سنڌي قوم جي هڪ طرح نئين سر تجديد ۽ اوسر ڪئي آهي. هن ئي سنڌين کي ٻڌايو ته هي ٻاهران آيل ساٿهو جيتوڻيڪ بنسي، هنر ۽ تعليم جي زور تي سنڌ کي ڀيلي ويا آهن، پر انهن کي پنهنجي تاريخ، پنهنجي اڳين جي حشر ۽ فطرت جي انقلابي پهلوئن مان سبق پرائڻ گهرجي ته ظالم ۽ غاصب قوتون، تمام تر ظلم ۽ تشدد جي باوجود، ڪٿي به ڪامياب نه ويون آهن. نه ڪانگو ۾، جتي مظلوم شيدين جا هٿ وڍيا ويندا هئا. نه انگولا ۾، جتي غير مطڻن انسانن جي

چين ۾ سوراخ ڪري تالا لڳايا ويندا هئا. نه الجزائر ۾ جتي ڏهه لک انسان قتل ڪيا ويا. نه مڊغاسڪر ۾ جتي هڪ سال ۾ ٩٠ هزار ماڻهو ماريا ويا، نه ڪينيا ۾ جتي ١٩٥٢ع ۾ به لک انسان قتل ڪيا ويا ۽ نه بنگله ديش ۾، جتي نون مهينن ۾ ٣٥ لک انسان ظلم ۽ جبر جو شڪار ٿيا.

غاصبن وٽ دليل ڪابه حيثيت نه ٿو رکي. هي بدترين قسم جا وحشي آهن، جيڪي رڳو طاقت جي اڳيان جهڪي سگهيا آهن، تنهن ڪري پاڻ ۾ طاقت پيدا ڪريو ۽ سندن پيدا ڪيل وحشت ۽ بربريت کين پوري طاقت سان واپس موٽائي ڏيو.

جي-ايم سيد جي انهيءَ آواز ۽ پيغام کي جن نوجوانن پڙهيو، سمجهيو ۽ انتي عمل ڪرڻ لاءِ ميدان ۾ نڪتا، انهن هزارها پرجوش ڪارڪنن مان هڪ عبدالواحد آريسر به آهي، جنهنجي تقريرن جي جي ڪتاب تي آڌ هي به اکر لکي رهيو آهيان.

سندس ٻهريون مجموعو پڙهه جو پيغام ۽ هي ”صدين جون صدائون“ پڙهڻ کان پوءِ جيڪا ڳالهه مون محسوس ڪئي آهي، سا هي ته مصنف پنهنجي قومي تاريخ ۽ تهذيب جي دفاع ۽ بچاءَ جي سلسلي ۾ انتهائي جذباتي ۽ جارح بڻجي ويو آهي. سنهنجي خيال ۾ اهو ردعمل آهي، سامراجيت ۽ انجي نمائندن جي طرز عمل جو، جيڪو هنن عربن جي حملي کان وٺي، پناهگيرن جي اچڻ تائين، سنڌ جي قديم ۽ شاندار سڀيتا ۽ روايتن سان اختيار ڪيو آهي.

هر اينڌڙ سامراج دستور موجب اهو مشهور ڪيو ويو آهي ته سنڌي ماڻهو اڻ پڙهيل، جاهل، وحشي ۽ ڏناار هئا، جن کي اسان اچي مهذب بڻايو آهي ۽ جيڪڏهن اسان هتان هليا وياسين، ته هيءَ وري تاريڪيءَ جي اونهيءَ کڏ ۾ ڪري پوندا ۽ ڪڏهن به نڪري نه سگهندا. انهي پس منظر ۾ مصنف جي ٻوجهه جي ڪوڙاڻ سمجهه ۾ اچي سگهي ٿي.

هن جي رد عمل جي پٺيان، هڪ عظيم، شاندار، آزاد ۽ باوقار قوم جي تشڪيل، فروغ ۽ ايار جي خواهش ۽ تمنا کي به نظرانداز نه ٿو ڪري سگهجي. جيڪا هر انهيءَ شيءَ کي ڊاهڻ، ڀڃڻ پورڻ ٿي چاهي، جا سندس راهه ۾ رڪاوٽ ٿي بڻجي ۽ سنڌ جي حقيقي وجود کان انڪار تي مبني هجي،

آويسر جي باري ۾ آءٌ ڪجهه به لکڻ نه ٿو چاهيان، صرف سنڌ جي عظيم مورخ ۽ مفڪر سيد حسام الدين راشديءَ جي انهيءَ خط مان هڪ ٽڪرو پيش ڪرڻ تي اڪتفا ٿو ڪريان، جيڪو هن صاحب سنڌ جي قومي شاعر نياز همايونيءَ کي لکيو هو ا

برادرم نياز

"پيغام ۾ عبدالواحد آويسر جي تقرير پڙهيم، تقرير پڙهي ايمان تازو ٿيو، نه صرف تازو ٿيو پر پاڻ وڌيو. خدا جو شڪر آهي جو پاڻ وٽ اهڙا لعل لڀن ٿا.

ملي ته منهنجا سلام ڏجوس ۽ پاڪر پائجوس، خداوند ڪريم کيس صحت ۽ وڌيڪ توانائي عطا ڪري."

انهيءَ کان وڌيڪ آءٌ ڪوبه تبصرو ڪرڻ پنهنجي لاءِ غير ضروري ٿو سمجهان، هر پڙهندڙ پاڻ ئي فيصلو ڪندو ته سنڌ جي باري ۾ سندس محبت ۽ صداقت ڪيتري حد تائين پهتل آهي.

خادم لاکير

ايم . بي . بي . ايس ٽيون سال

ايل-ايم-سي ڄامشورو سنڌ

آڻ نه مڃي، مور

سائين جي – ايم سيد جي سالگره
جي موقعي تي ڪيل تقرير.

غلام ملڪن ۾ عظيم شخصيتون اهي هونديون آهن جن سامراجي قبضي جو وڏي دليري ۽ بهادري سان مقابلو ڪيو هجي.

غلام ملڪن ۾ جڏهن پنهنجي قومي هيرن جي ياد گرم جوشي ۽ تحرڪ جو سبب بنجي، ان وقت سمجهڻ گهرجي ته قوم اڳتي وڌڻ لاءِ تيار آهي.

فهمِ

صدر محترم ۽ سائيو!

گذريل سال هن تاريخ ۽ ڏينهن تي ڪراچي ۾ گڏ ٿيا هئاسون. هٿين خالي، بي سروساماني جي حالت ۾، اسان جي انهيءَ سادي گڏجاڻيءَ حاڪمن جي دلين ۾ سوت جي ڏڪڻي پيدا ڪري ڇڏي، ۽ هنن جون پيشانيون، ڏيپ گـاڏڙ ڪاوڙ کان ڪال ڳرل جي بستري وانگر گهنججي ويون. نتيجي ۾ سنڌ وزارت جي نئين گهوٽ، پنهنجي سڙسي جو مظاهرو ڪندي، گرفتارين جو هڪ نـه کٽندڙ پر جلدي نٽندڙ سلسلو شروع ڪرائي ڏنو آهي، جيڪو اجا تـائين جاري آهي.

اسان گذريل سال سنڌ جي عظيم قومي اڳواڻ جي سالگره تي جيڪو وچن ڪيو هو، تنهن تي عمل ڪندي وٺ پڪڙ جي طوفان کان بيپرواهه، وري گڏ ٿيا آهيون. اڄ ڪارونجهر کان ڪشمور تائين، اسانجي سوچ ۽ لوچ هڪ آهي. اسان جا ارادا جواني جي امنگن وانگر تازا آهن. اسانجي عمل ۾ تازگي، تـوانائي مضبوطي ۽ سچائـي آهـي. اسانجا مخالف انهيءَ ڇوڪريءَ وانگر، جيڪا خوبصورت مستقبل جي تمنا کڻي گهران نڪري ۽ بازار حسن ۾ پهچي وڃي، پنهنجي اڻلي چار ۾ ڦاسي چڪا آهن. هر ظالم ۽ جابر حڪومت عوامي طاقتن جي اوسر کان هميشه خوف زده رهندي آهي، انهيءَ ڪري هو عوامي قوت جي فطري اُڀار کي ڪيسن، وارنٽن، سزائن، گولين ۽ ڦاسين ذريعي هميشه ۽ دٻائڻ چاهيندي آهي. حقيقت ۾ جڏهن ڪابه حاڪم ڌر انهن ڪنڌن تي لهي اچي، تـه پڪ سمجهڻ گهرجي تـه هو اندر ۾ انتهائي ٻزدل آهي ۽ پنهنجي ڏيپ کي لڪائڻ جا طـريقا استعمال ڪري رهي رهي آهي. اهي طريقا سندس ڪمزوري جو دليل آهن، خوف جو اقرار آهن، ۽ بزدلي جو اعتراف آهن. انهن ئي حربن، چالاڪين ۽ حرفتن جو استعمال، هو هن ڀيري به ڪندي، جو تـه جي. ايـم سيد جي سالگره تي قوم پرست ۽ وطن دوست طاقتن جو گڏجڻ، هن ملڪ جي رجعت پسند، بدبودار ۽ خونخوار حاڪمن، انهن جـي ڀاڻـاريدارن سندن سائين ۽ ڀنگ پائيوارن لاءِ سوت جي علامت ۽ نشاني آهي.

ھر غاصب ۽ ظالم، موت کان ڀڄندو آھي ۽ پنھنجي بچاءَ لاءِ ھٿ پير ھڻڻ جي ڪوشش ڪندو آھي. ھو پھريائين اسان تي ڪيس ڪن، سزائون تجويز ڪن، ۽ پوري پاڪستان جو ڪاغذ اسانجي ڪيس ٺاھڻ ۾ خرچ ڪن، مگر ھو اسان کي جھڪائي نہ ٿا سگھن، پنھنجي نظر ئي تان ھٽائي نہ ٿا سگھن. اھي سا ڳيا ماڻھو سڀائي اسانجي فتح جا منتظر ھوندا. دوستو! منھنجي اڄوڪي ڳالھہ ٻولھہ جو عنوان آھي ”جي. ايم سيد جي خود داري“:

خود داري ھڪ اھڙي وصف آھي، ھڪ اھڙو قدر آھي ۽ ھڪ اھڙو گڻ ۽ جوھر آھي، جيڪو آفاقي ۽ دائمي آھي، انسانيت، ملڪن قومن ۽ شخص لاءِ عزت، احترام، وقار ۽ مان جو سبب رھيو آھي. جيڪي قومون، ملڪ ۽ شخص، انھيءَ گڻ کان خالي رھيا ۽ انھن خودداريءَ کي بازار جي مٽائي سمجھيو، سي نہ صرف انسانيت جي مجموعي واڌاري لاءِ ڪارگر نہ ٿيا، پر پنھنجي وجود کي برقرار رکڻ ۾ بہ ناڪام ويا آھن. انھيءَ ڪري قوتن طبقن، حاڪمن ۽ غاصب ماڻھن جو اھو دستور رھيو آھي، تہ ھو مظلوم ۽ محڪوم ماڻھن مان انھيءَ گڻ کي نچوڙي ۽ نپوڙي ڪڍي وٺندا آھن. خودداري جو مطلب آھي، تہ اسان پنھنجي ذاتي حيثيت ۽ تاريخي طرح حالتن ڪيس جيڪو ڪم سونپيو آھي، انجو پورو احساس رکي ۽ انھيءَ احساس کي ھر حالت ۾ باقي رکڻ لاءِ جو ڪجھہ پيش اچي، تنھنجو مڙس ٿي مقابلو ڪري، ڪنھن بہ حالت ۾ آڻ نہ مڃي، انھيءَ جو باقي رکڻ ئي ھن وٽ سڀ کان وڏو اعزاز ھجي.

خودداري جا ڪيترائي قسم آھن انھن مان شخصي خودداري ۽ قومي خودداري وڏي اھميت جا حامل آھن. جي. ايم سيد انفرادي خودداري جو ھن ملڪ ۾ ھڪ مثال قائم ڪيو آھي. ھن ھر انھيءَ شيءَ کي حقارت سان ٺڪرائي ڇڏيو آھي، جنھن مان سندس خودداري کي ڌڪ لڳڻ جو انديشو پيدا ٿيو ھجي. ھن پنھنجي شخصي وقار کي قائم ۽ دائم رکڻ لاءِ وقت جي وڏين وڏين آڇن کي رد ڪري ڇڏيو آھي انھيءَ سلسلي ۾ آءٌ بہ مثال پيش ڪندس:

(١) سنہ جي چونڊن کان اڳ ڪن ماڻھن جي صلاح ھئي، تہ جي. ايم سيد پيپلز پارٽي جي اتحاد سان گھٽ ۾ گھٽ قومي اسيمبليءَ جي سيٽ حاصل ڪري وٺي، پر سيد صاحب جو چوڻ ھو تہ

منهنجي لاءِ اليڪشن ۾ شڪست ايتري خراب نه آهي، جيتري پيپلز پارٽي جي معرفت اسيمبلي جي وڪنيت حاصل ڪرڻ.

ٻيو دفعو اليڪشن کان پوءِ بنگله ديش مان هڪ ليڊر آچ ڪئي ته، سيد صاحب. مجيب الرحمان جي خالي ڪيل سيٽ تان اليڪشن لڙي. انهيءَ پيڪش جي جواب ۾ سيد صاحب چيو ته مون ڪڏهن به ڌارين جي ڪلهي تي هٿ رکي بندوق نه هلائي آهي. بنگال مان اليڪشن کٽڻ، منهنجي اصول ۽ روايات جي خلاف آهي. مونکي جڏهن پنهنجي قوم ئي نه چونڊيو آهي، ته پوءِ اسيمبلي ۾ وڃي ڪهڙو چڱو ڙس سڌبس. اندازو لڳايو ته هڪ انسان جي خود داري، وقت ۾ پنهنجي عروج تي آهي، جڏهن ڪشمر کان ڪراچي تائين جا سياستدان اهڙي اسيمبليءَ ۾ وڃڻ لاءِ پنهنجو عيال ۽ آل گهورڻ لاءِ تيار آهن ۽ جن جو نعرو آهي ته ”ڪرسي مرابده وڪفش برسرم بزن“ يعني اسانکي ڪرسي ڏيئي ڇڏيو پوءِ پلي مٽي تي پادر هڻندا رهو. اهڙي وقت، اهڙي ماحول، اهڙي دور ۽ اهڙي سمي ۾ هڪ انسان پنهنجي جلول آکيري جا ڪک ڳڏ ڪري، محلات تعمير ڪري رهيو آهي، صدين جي اجهاميل آڳ کي پنيت بنائڻ لاءِ، صدين جي سودائي ماڻهوءَ وانگر ڏيڙي جي وٽ سوري ويٺو ۽ ڪوئي الستي چنگ چوري پيو. هنجي خودداري اهڙي شاهين آهي، جو انکي جهڪائڻ لاءِ لالچ ۽ لوڀ جي هوا به پهچي نه ٿي سگهي. ڪير آهي، جو هن گندي ماحول، ابن الوقتي ۽ موقع پرستي واري سياست جي سٽي خاني مان پنهنجي پڳ سلامت ڪٽي ويو هجي؟ هتي اديب جو قلم وڪاڻو، عالم جو علم نيلام ٿيو، مولوين جون دستارون فروخت ٿيون، سياستدان جو ضمير اقتدار جي چڪيا تي چڙهيو، دانشور جي فڪر تي واڪ لڳو شاعرن جو ڪوتائون اطلاعات کاتي جا اشتهار بڻيون، ۽ پرهيزگارن جي چوغن جا بخيا نٽي پياه پر هي ماکيءَ کان سنو ۽ زهر کان ڪوڙو، پوپري کان نرم ۽ فولاد کان سخت انسان، چئي رهيو آهي، ته اسان پنهنجو دامن نپوڙيون ته فرشتا وضو ڪن. سندس انهيءَ خوبي ۽ خصلت کي ڏسي سنڌ جي عظيم شاعر نياز همايوني چئي ڏنو، ته:-

”تنهنجو عشق اساهون هر جابر جي ذات اگهيان،
تنهنجو ڪنڌ جهڪڻ جو ناهي ڪنهن بي لات منات اگهيان

آڌا آيــا ڏاڍ گهڻا پــر تــوکي الڪو اوڏو نـــاهي،
هر ڪنهن پنهنجو اصل ڇڏيو پر تنهنجي اصول کي لوڏو ناهي.

انهيءَ وضاحت مان اندازو لڳائي سگهو ٿا، جي. ايم. سيد جي ڪردار جي پختگيءَ ۽ طويل صبر آزمــا جدوجهد ۾ سندس استقامت جو، ڇو تــه جنهن شخص ۾ انفرادي خودداري نــه آهي، جنهن ۾ پنهنجي ذات جو احساس ناهي، جنهن کي انفرادي شخصيت کي محفوظ وکڻ جو فڪر ڪونهي، سو اجتماعي خودداري تي ڪيئن سوچي سگهندو؟ جيڪو ماڻهو پاڻ ٻئي جي محتاجي هر قدم تي نــه صرف قبول ڪرڻ لاءِ تيار هجي، پر انتي فخر ٿــو ڪري، سو قوم کي محتاجي مان ڪڍي، خوددار ۽ غيرت مند بنائڻ جو سوچي نــه ٿو سگهي. اسانکي هي ڳالهه سوچي ۽ سمجهي ڇڏڻ گهرجي، تــه جنهن ماڻهو هڪ دفعو پنهنجي خودداري قربان ڪئي، ۽ جنهنکي وڪامڻ جو مزو ۽ سلهه معلوم ٿيو، هو ڪڏهن بــه سڌري نــه ٿو سگهي.

اها ڳالهه سون جي. ايم. سيد جي انفرادي خودداري متعلق چئي آهي. هاڻي آءٌ سيد صاحب جي قومي خودداري جي متعلق ڪجهه چوڻ چاهيان ٿو:-

١٩٤٥ع جو سن آهي، هندوستاني حڪومت جي گرمي جي دارالحڪومت، شملي جي ٿڌين هوائن ۾ پهرين ڪانفرنس ۾ هندوستاني مسلمانن جو خود ساخته بــه قوم وڏو آهي. پيشاني تي ڪاوڙ ۽ فڪر جا گهرا نشان اٿس، تــه هڪ نوجوان اعتماد ۽ بيخوفيءَ سان ڪمري جو آٽوميٽڪ دروازو کولي اندر داخل ٿئي ٿو، ۽ جناح صاحب سان ڪن سياسي مسئلن تي انتهائي جوش ۽ تيزيءَ سان ڳالهائي ٿو، اهو نوجوان جي. ايم. سيد هو.

جناح صاحب سندس گفتگو ٻڌي چوڻ لڳو ٿــو، تــه "سيدصاحب سونکي تنهنجين ڳالهين مان بغاوت ۽ قوم پرستي جي بوءِ اچي رهي آهي، انهيءَ ڪري مان سمجهان ٿو تــه اسان جون واٽون جدا ٿيڻ تــي آهن."

سيد صاحب پنهنجي ڪتاب "نئين سنڌ لاءِ جدوجهد" ۾ لکي ٿو تــه جناح جي انهيءَ چوڻ کان پوءِ منهنجي لاءِ ٻــه رستا کليل هئا: هڪ طرف اهو شخص هو، جنهنکي آءٌ قائد اعظم چوڻ تي هريل هوس، جنهنکي هندوستاني مسلمانن جو نجات ڏيندڙ سمجهندو هوس ۽

ٻي طرف منهنجو ديس سنڌ هو.

اها سنڌ، جتي ٽيرهن پيڙهين کان منهنجي وڏن جون هڏيون پوريل هيون ۽ جنهن سر زمين کي منهنجي ابن ڏاڏن وهائڻ لاءِ مقدس مقامن تي ترجيح ڏني هئي. اها سنڌ، جتي جا ماڻهو مدين کان سورن ۾ سڙندا پئي آيا. اها سنڌ، جتي جا معصوم ۽ ابهم ٻارڙا پيرين اگهاڙا علم جي روشني کان محروم هئا. اها سنڌ، جنهنجي انسانن کي هر دور ۾ بيدردي سان چچريو، ڪٺو ۽ غلام بنايو ويو هو. اها سنڌ، جنهن کي واڻڪو بنائي، فاتحن، پيرن سان پئي ڏڏيو هو. ۽ اها سنڌ جنهنجي قسمت جا فيصلا هن وقت به لکنو جا هٿ ٺوڪيا نواب ۽ دليءَ جا ٺڳ ڪرڻ چاهين ٿا. آءٌ ٻن ٻيڙين ۾ پئي ٻڏس ۽ ترڇس منهنجي خوش اعتقادي جي تقاضا هئي، ته جناح جو طرف وٺان ۽ منهنجي خودداري، قومي غيرت ۽ حب الوطني جي تقاضا هئي، ته سنڌ جو طرف وٺان. مون وطني محبت جي تقاضا کي مد نظر رکي، جناح ۽ انجي مسلم ليگ کان بغاوت جو اعلان ڪيو. منهنجي انهيءَ اعلان شرط، پوري هندوستان سان مونکي خط پهتا، ته ساري ديس جا ترقي پسند تنهنجي انهيءَ قدم جي حمايت ۾ آهن. پر جڏهن مون پنهنجو سفر شروع ڪيو، هر قدم تي جناح جي آمرانه ۽ عاجلانه فيصلن ۽ قدمن جي مزاحمت ڪئي، ۽ مسلم ليگ جي جڙتو مسلم قوميت جي نظريه جا پردا چاڪ ڪرڻ شروع ڪيا، ته ڪوبه ترقي پسند مون سان شامل نه ٿيو. سڀ ساٿي ساٿ ڇڏي ويا. ڪجهه ٿڪجي پيا، ڪجهه لڇڪي ويا، ۽ آءٌ اڪيلو رهجي ويس. اهڙي وقت ۾ شاه لطيف جي هن بيت منهنجي رهنمائي ڪئي ته:

سڪن واري سڌ، ستان ڪا مون سان ڪري،
اندر جنهن اڌ، ڏونگر سي ڏور سنڌ سون.

مون سوچيو، ته اڄ جيتوڻيڪ اڪيلو رهجي ويو آهيان. ماڻهو ٻارن وانگر ڪوڙن واڌيڪن تي هرڪجي، منهنجو ساٿ ڇڏي ويا آهن، پر مونکي يقين آهي، ته منهنجو ناتو سنڌ وطن جي تاريخ ۽ تهذيب سان ڳنڊيل آهي. منهنجي پٺيان بيشمار تاريخي ۽ تهذيبي روايتون آهن. مونکي مهاواجا ڏاهر ۽ دولهه دريا خان جو رت پڪاري چئي رهيو آهي، ته اهوئي رستو آهي، جنهن سان سنڌ جي عوام کي حقيقي آزادي ملڻ ٻوڻ واري آهي. مون پنهنجي انهيءَ ناقابل تبديل

ٻنهين جي روشنيءَ ۾ فيصلو ڪيو، ته سنڌ جو هي سٽل شير ضرور جاڳندو. اهي ميدان ۽ مانڌريون، اهي شهر ۽ واهڻ جتي ڪڏهن اسان جي ابن ڏاڏن جو رت وهيو آهي، جتان سنڌين جي ڳچين ۾ غلاميءَ جا زنجير وجهي، ايران ۽ عربستان جي گهٽين ۾ وڪيو ويو آهي، سي آزاديءَ جي سڏوان جي گونج ۽ گرج سان ٽپي اٿندا. دوکي جي ديوار ڀڄندي، جهونا ڳڙه ڇڙندو، ڪاڪ ڪرندي ۽ مينڌرو موسل مائيندو. اهو آهي سيد صاحب جي تحرير جو سنهنجي لفظن ۾ مطلب.

(٢) تاريخ جو ورق وري ٿو. ڪراچي جي ايئرپورٽ تي يونين جيڪ بدران باز نظيني شهنشاهيت جي علامت وارو جهنڊو جهولڻ لڳي ٿو. ديسي ديس ڇڏي، پرديس پيڙا ٿين ٿا. سنڌ جي شهرن ۾ ليار جي ورس جهڙي سڙي زبان سنڌيءَ جي بجاءِ، ٿوهر ول جي ٻاڙ جهڙي ٻوليءَ جو واهپو شروع ٿئي ٿو. دليءَ جا ٺڳ ۽ واجدعلي جا وارث، ڪراچي کي ڪٽڻ لاءِ واڳون وارا وات ڦاڙيو اڳتي وڌن ٿا. سنڌ جو مسلمان، مسلمانيءَ جي آڏ جي پڙڪين ۾ آهي. انهيءَ وقت هيءُ اڪيلو انسان آهي، جيڪو اسان کي سنڌ جي سياسي قبرستان ۾ عيسيٰ وانگر "قم باذني"

(اي سنڌ وهوڙل وستيو! سنهنجي آواز سان سجاڳ ٿيو) جو نعرو هڻندو نظر ٿو اچي.

(٣) وقت ڀيل گاڏيءَ جي رفتار سان اڳتي وڌي ٿو. ١٩٥٣ع سنڌ اسيمبليءَ جي ايوان ۾ حاڪمن جي هشمتن کان بيپرواهه، نظرياتي زهر کان محفوظ اهوئي انسان، سنڌي ٻوليءَ کي سنڌ جي سرڪاري ۽ قومي ٻوليءَ بنائڻ لاءِ قرارداد پيش ڪري، اڪيلي سر پنهنجي زنده جاويد لفظن جي خوشبوءِ سنڌ جي فضا ۾ پکيڙيندي ۽ سنڌ جي سياسي ڪيت ۾ سچائي ۽ سونهن جا موتي پوکيندي چئي رهيو آهي:

"جناب عالي! مونکي پرواهه نه آهي ته سنهنجي اسيمبليءَ جي سيٽ وڃي ٿي يا بچي ٿي، پر مان سنڌ جي عوام جي آواز کي اوهان تائين پهچائي رهيو آهيان، ته سنڌي زبان کي هن صوبي جي سرڪاري ۽ قومي زبان بنائڻ جي اوهان تائيد ڪريو جيڪڏهن اوهان اڄ انهيءَ فرض ۾ گُتا، ته پوءِ ايندڙ سنڌ، جيڪا شاندار ۽ پاڻ پري هوندي، تنهن ۾ اوهانجو نالو غدارن جي لسٽ ۾ لکيو ويندو."

دوستو! اوهان ٿورو انهن لفظن جي لهجي، اعتماد ۽ خود داريءَ تي غور ڪريو، ته اڄ اوهانکي اڄ کان چوڏهن سو سال اڳ جو هڪ واقعو ٻڌايان!

قريشي صاحب! رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم کي جڏهن سندس دشمنن لالچ ڏني گهري، تڏهن پاڻ سڳورن جيڪو کين جواب ڏنو هو، سو هي آهي ته "جيڪڏهن سنهنجي هڪ هٿ تي سج ۽ ٻئي تي چنڊ رکيو وڃي، ته به آءٌ پنهنجي فرض ادائي کان نه هٽندس ۽ مونکي يقين آهي ته اهو وقت جلدي ايندو، جڏهن آءٌ ڪامياب ٿيندس، ۽ هڪ عورت شام کان سون جي هڙ اڇلائيندي ايندي، پر ڪانئس ڪوبه ڦرڻ وارو نه هوندو". ٻنهيءَ ڳالهين ۾ جيڪو اعتماد آهي، گهٽ ۾ گهٽ مونکي انهيءَ ۾ ڪوبه فرق نظر ڪونه ٿو اچي.

(٤) چهرا بدلجن ٿا، دلي‌ءَ جي لڳن بجاءِ سندن جانشين پنجابي اڳتي وڌن ٿا، سنڌ جي نالي ۽ نشان مٽائڻ کان اڳ جي. ايم. سيد کي قيد ڪيو ٿو وڃي. سالن جي قيد مان آزادي ملڻ تي. ٻاهر نڪري، نظر ڪري ٿو، ته سنڌ جا زمين ۽ آسمان بدليل نظر اچنس ٿا. ذات سنڌي سياستدان ون يونٽ جي چنڪري ڪنوار سان لائون لهڻ لاءِ پنهنجي واري جي انتظار ۾ پنجابي نڪاح خوان وٽ قطار ڪريو بيٺا آهن ۽ سڄي سنڌ واڻڙي ٿي ڏسي رهي آهي.

سائين خود هڪ دفعو مونکي ٻڌايو ته ون يونٽ ٽوڙائڻ لاءِ جدوجهد دوران هڪ دفعو آءٌ ان وقت جي گورنر جنرل سان مليس ۽ کيس چيم ته ون يونٽ ٽوڙيو. هن چيو ته ون يونٽ پاڪستان جي اتحاد لاءِ ضروري آهي، انهيءَ ڪري ٽوڙڻ جو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي. سون چيو ته "جيڪڏهن توهان ون يونٽ نه ٽوڙيندءَ، ته اسان پاڪستان ٽوڙينداسين."

وقت انهيءَ اعتماد ۽ خود داري جي سچائي، ٢٠ صديءَ جي سڀ کان وڏي واقعي جي صورت ۾ تاريخ جي صفحن تي هميشه لاءِ چٽي ڇڏي آهي.

(٥) ستر جي اليڪشن ۾ شڪست ملڻ کان پوءِ چند شاگرد رڳندي جي. ايم. سيد وٽ ويو ٿا، ته سائين جنهن قوم اوهان کي نه سڃاتو آهي، تنهنکي ڇڏي ڏيو. سيد صاحب جو جواب آهي ته "قوم مونکي نه سڃاتو آهي، پر مون قوم کي سڃاتو آهي. سنهنجو

سڌس ناتو السني آهي. جيڪو فتح ۽ شڪست کان بالاتر آهي، سنهنجي هر شڪست فتح جو پيش خيمو ثابت ٿي آهي. جناح پوري شڪست کان پوءِ حيدر بخش جتوئي ۽ شيخ اياز ايري آيا، جن قوم پرستي کي اڳتي وڌايو. هي شڪست وري ڪي اڻ موت انسان اياريندي جيڪي سنڌو ديش جي قيام لاءِ جدوجهد ڪندا."

انهيءَ پوري سرگذشت مان اوهان چڱيءَ طرح سمجهي ويا هوندوءِ ته سيد اعظم، جناح سان بغاوت وقت جيڪو وچن ڪيو هو، تنهن مان سورهن جا ارڙهن آنا وفادار ۽ سچو رهيو آهي.

هتيءَ هڪڙي ڳالهه جي وضاحت ضروري ٿو سمجهان، اها هئيءَ ته ڪامريڊ اسٽالن، ٻي جنگ عظيم وقت تقرير ڪندي چيو هو، ته يونان ۾ هڪ ديوتا هوندو هو، جنهن کي ڪشتيءَ ۾ ڪوبه ديوتا شڪست ڏيئي نه سگهندو هو. هڪ دفعي ڪشتي جي ساليانه مقابلي ۾ ٻاهران آيل هڪ ديوتا اتي جي جادوگر کان يوناني ديوتا جي شڪست نه کائڻ جو سبب پڇيو، جنهن تي جادوگر جواب ڏنو ته انهيءَ ديوتا جا پير زمين کان مٿي نه ٿا کڄن، تنهنڪري هنکي ڪوبه ديوتا مات ڪري نٿو سگهي. ٻاهران آيل پهلوان ڪنهن ترتيب ۽ ترڪيب سان ناقابل شڪست ديوتا کي وارو ڪٽي زمين تان پير چڙائي، شڪست ڏيئي ڇڏي. ڪامريڊ اسٽالن انهيءَ مثال کي مدنظر رکي چوي ٿو ته جيڪي قومون ۽ فرد پنهنجي مادر وطن سان پنهنجو ناتو مضبوط ڳنڍيل رکن ٿا، تن کي ڪوبه مٽائي نه ٿو سگهي، ڪامريڊ اسٽالن جي انهيءَ مثال مان اوهان جي-ايم سيد جي ڪردار جو اندازو لڳائي سگهو ٿا، ته هو هر شڪست کان پوءِ اهڙو اڀريو آهي جيئن برسات کان پوءِ ڏٿ جا سلا. انهيءَ جو واحد سبب سرزمين سنڌ سان سندس لستي انگ آهي.

مون اڳي هڪ دفعو لکيو هو ته پاڪستان جو حاڪم ٽولو، جماعت اسلامي کان ايڏو خوفزده ناهي، جيترو جي-ايم سيد ۽ سندس پيدا ڪيل تحريڪ کان. ـ چو ته هن ٽولي کي خبر آهي ته جماعت اسلامي هوا ۾ بيٺل آهي ۽ اهڙيون ڪيتريون تحريڪون ختم ٿي ويون. جيئن خاڪسار ۽ مسلم ليگ. مگر جي-ايم سيد جي تحريڪ جون پاڙون هن سر زمين جي تاريخ ۽ روايت جي پاتال ۾ کتل آهن ۽ هن مهاراجا ڏاهر کان ولي شهيد عبدالرزاق سومري تائين جي قبرن تي آزادي ۽

حريت جا ڳالهه رکي، سنڌ جي حريت پسند تاريخ ۾ هڪ تسلسل قائم ڪيو آهي. اهڙي تحريڪ ڪڏهن به ختم ٿي نه ٿي سگهي. انهيءَ ڪري سنهنجي اوهانکي گذارش آهي، ته پنهنجي ليڊر جي نقش قدم تي هلو ۽ سندس تعليمات تي عمل ڪريو.

اسان جو ليڊر سادگي جو مجسو آهي پر اسان عرب رياستن جي بگڙيل شهزادن وانگر هوٽلن ۾ پئسا ۽ وقت ضايع ڪريون ٿا. اسان جو ليڊر مخالفن لاءِ به نيڪي ۽ محبت جا جذبا رکندڙ آهي ۽ اسان پنهنجي ٿي سائين جي گريبانن مان وٺون ٿا. اهو اسان سهد جي فڪر تي عمل نه ٿا ڪريون پر الٽو انکي نقصان پهچائي رهيا آهيون.

جيئي جيئي سنڌ!

☆

وانءِ لاٽ

شهدادپور جي سيڪنڊري استادن جي يونين جي نمائندن جي مان ۾ سنڌي ادبي سنگت شهدادپور طرفان ڏنل دعوت ۾ صدارتي تقرير —

هر غلام ۽ پٺتي پيل ملڪ جي سچاو وچولي طبقي کي گهرجي ته هن جيڪو به علمي ۽ فني سرمايو غاصبن ۽ لٽيرن جي يونيورسٽين مان حاصل ڪيو آهي سو عوام جي بيداري ۽ آزاديءَ لاءِ وقف ڪري ڇڏي.

فرانز فينن .

عزت لائق استاد ۽ ساٿيو!

اڄ سنڌي ادبي سنگت شهداد پور جو نهايت ٿورائتو آهيان، جو ان جي نوجوان ۽ پرجوش اديبن، استادن جي مان ۾ ٿيل دعوت ۾ مونکي شريڪ ٿيڻ جو موقعو عنايت ڪيو، جو اڄ استادن جي سامهون سنڌن، پڙهايل، سيکاريل ۽ پڙهايل سبق دهرايان، جيئن مونکي به خبر پوي ته آيا مون مليل سبق پڪو ڪيو آهي يا نه؟

حقيقت هي آهي ته دنيا جي ملڪن ۾ جيڪڏهن ڪو به فرد پوري سوسائٽي، معاشري ۽ ماحول ۾ عزت ۽ احترام، مان ۽ شان، وقار ۽ عظمت سان ڏٺو وڃي ٿو، ۽ جنهن کي ڏسڻ شرط انهيءَ قوم جي انسانن جون پيشانيون ان ماڻهو جي عظمت جي محرابن ۾ سجدا ڪرڻ لاءِ بيقرار هونديون آهن، سو صرف استاد آهي ۽ بس!

برصغير جي سڀ کان وڏي ۽ تهذيبي اهميت رکندڙ ملڪ ڀارت جو پهريون صدر بابو راجندر پرشاد تعليمي ماهر هو ۽ ٻيو صدر راڌا ڪرشن استاد هو. ٽيون صدر عزت ماب ڊاڪٽر حسين پڻ استاد هو. آمريڪا جو ڪو به صدر جيڪڏهن صدارت تان لٿو آهي، ته ان ڪنهن ڪاليج ۽ يونيورسٽي ۾ پروفيسر ٿيڻ پنهنجي لاءِ صدارت کان به وڌيڪ مان ۽ مرتبي وارو سمجهيو آهي. جو ته اتي جي ماڻهن کي استاد جي اهميت ۽ حيثيت جي پروڙ ۽ پرک آهي ۽ هنن کي خبر آهي ته سياڻي جو ڊاڪٽر، انجنيئر، سائنسدان، فلاسفر، سياستدان، نفسياتي ماهر، ڪامياب واپاري ۽ اقتصاديات جو ماهر هڪ عظيم استاد جي ئي تعليم ۽ تربيت جي ذريعي پيدا ٿي سگهي ٿو. اهوئي سبب آهي ته عوام دوست ۽ عوامي ڀلائي چاهيندڙ ملڪن ۾ قومي بجيٽ جو وڏي ۾ وڏو حصو تعليم تي خرچ ڪيو ويندو آهي ۽ استاد مالي طرح شاندار طريقي سان زندگي گذاريندو آهي. پر آهي ملڪ جتي جي حڪمران ٽولن، ڌورو طبقن ۽ غاصب جڙن جو مقصد صرف حڪومت ڪرڻ، عوام کي بکيو ڏکيو، جاهل ۽ بدحال رکي، کين هميشه لاءِ محڪوم ۽ مجبور ڪرڻ هوندو آهي، اهڙن ملڪن ۾

بجيٽ جو وڏو حصو فوج ۽ پوليس تي خرچ ڪيو ويندو آهي. اتي عزت فوجي سولجر ۽ پوليس جي سپاهي جي هوندي آهي. اتي مان وارو اهو هوندو آهي، جنهن جي هٿ ۾ ڏنڊو ۽ ڪلهي تي بندوق رکيل هوندي آهي. اهڙن ملڪن ۾ پڙهيل ماڻهو، استاد ٿيڻ بجاءِ پوليس وارو ٿيڻ پسند ڪندو آهي ۽ گريجوئيٽ نوجوان پروفيسر ٿيڻ کان فوجي ڪئپٽن بڻجڻ پنهنجي لاءِ مفيد سمجهندو آهي. اهڙن ملڪن ۾ استاد رٽائر ٿيڻ کان پوءِ مختيارڪار جي آفيس ٻاهران سر سان پريل جناح ڪيپ پائي، ڀڳل چشمو چاڙهي، عريضي لکندو آهي. اهو سڀ انهيءَ ڪري آهي، جو اتي جا حاڪم طبقا نه چاهيندا آهن، ته عوام ۾ صحيح تعليم پکڙجي، ۽ ماڻهو پنهنجي زندگي جو شاناٿو وڃ ڏسن، هنن کي پنهنجي حيثيت جو احساس پيدا ٿئي، هو ڦرلٽ، ظلم، ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ جو اصل نسل معلوم ڪري، پنهنجي خوشحال زندگي لاءِ ميڙس ٿي ميدان ۾ مقابلي لاءِ نڪري نروار ٿين. حاڪم چاهيندا آهن، ته ماڻهو اڻ پڙهيل رهن، بيروزگار ٿي چور ۽ ڌاڙيل ٿين ۽ جيئن انهيءَ نئين خون ۽ نسل کي گوليءَ جي ذريعي ختم ڪن. يا ته هو اسڪول جي اڌوري واهيات ۽ دقيانوسي تعليم مان وحشي، بيغيرت، بدمعاش ۽ بيرحم ٿي نڪرن، جيئن کين فيڊرل سيڪيورٽي فورس، فوج، پوليس، اسٽرائڪنگ فورس ۾ ڀرتي ڪري، سندن جسماني ۽ ذهني صلاحيتن جا گوڏا سم وانگر چٽي مفلوج بڻائي ڇڏين تا ته هو ڪنهن ذهني ۽ اخلاقي حرڪت چرپر ۽ هلچل جا اهل ئي نه رهن. هو جيڪڏهن ڏسن ته صرف اشاري سان، ٻڌن ته وائرليس جو آواز هلڻ چاهين ته حڪم وسيلي، گفتگو ڪن ته گوليءَ جي زبان ۾ بس! نه هو نانگ بڻجن، وڇون بڻجن، بگهڙ ۽ ڪتا نه بڻجن، پر انسان بڻجن، اهو سبب آهي، جو هتي استادن کي پنهنجي گذر سفر لاءِ پنهنجي محنت جي معاوضي لاءِ ۽ پنهنجا ڏکيا سکيا ڏينهن ڪٽڻ لاءِ رستن تي مظاهرا ڪرڻا ٿا پون. پر نتيجي ۾ حڪومت کين ڇا ٿي ڏئي؟ پوليس جا ڏنڊا، ڳوڙها گيس، جيل، نوڪرين تان برطرفيون ۽ غليظ الزام ۽ گاريون! استاد ويچارو سڀني ڳالهين جي باوجود پنهنجو فرض پورو ڪري رهيو آهي، هو ڏسي ٿو پڻ ته هن سبب سندس ٻارڙا ته تعليم کان محروم آهن. پر هو پوءِ به قوم جي ٻچن کي زيور تعليم سان سينگاري رهيو آهي. انڌير اهو آهي جو استاد لاءِ جيڪو

لفظ هتي استعمال ڪيو وڃي ٿو، سو انتهائي حقارت آميز ۽ خسيس حيثيت رکندڙ آهي. انگريزي جو لفظ ماسٽر (Master) جنهنجي معنيٰ آهي، پنهنجي فن، پيشي ۽ سبجيڪٽ ۾ ماهر. انگريزي ۾ سٺي ادب، بهترين شعر ۽ لاجواب افسانن کي "ماسٽر پيس" ڪري ڳڻيو ويندو آهي. اهو ماسٽر اسان وٽ ٿري ٿيو ماستر ۽ وڏيرن ۽ حاڪمن جي محاوري ۾ استاد يعني (ٽڪي جو ماستر) يا ماسترڙو يا ٺري ٻولي ۾ (ماستريو). سو سائين منهنجا! جيڪا هستي قومن وٽ عظمت جو مينار آهي، روشني جو ذريعو آهي، قومن جي اخلاقي، علمي ۽ ذهني لياقتن، اهليتن ۽ صلاحيتن جي علامت آهي ۽ قومي نفسيات جو اهڃاڻ آهي، تنهنجي عزت اسان وٽ اها وڃي بيٺي آهي. اهڙين حالتن ۾ اسان سڌرون ته ڪيئن؟ اسان ترقي ڪريون ته ڪهڙي نموني؟ تعليم عام ٿئي ته ڪهڙي طريقي سان؟

سڪندر يوناني جو قول آهي ته "ماءُ پيءُ پيار کي آسمان تان لاهي هيٺ آڻيندا آهن، ۽ اهو صرف استاد ئي آهي جيڪو ڪنهن فرش تان کڻي عرش تي پهچائيندو آهي، ذهني، علمي ۽ ٻئي طرح! پر اسان ته خود استاد کي آسمان ڪان لاهي، زمين جي ڪنهن گندي نڪري تي اڇلائي ڇڏيو آهي.

اسان استاد جون نظرون ڪتاب سان هٽائي، پوليس جي زندگي تي کپائي ڇڏيون آهن. انهيءَ صورت ۾ پار آسمان تي پهچڻ بجاءِ تحت الثريٰ ۾ ڪرندو. ٻارڙي جي حفاظت بجاءِ لڄن جو لٽيرو بڻبو. علم جو امرت پيئڻ بجاءِ چرس جا سوٽا هڻندو. زندگي لاءِ جدوجهد ڪرڻ بجاءِ وڏيري جا بوٽ پالش ڪندو. اسڪول وڃڻ بجاءِ سنڌيا جو گيٽ ڪيپر ٿيندو، لائبررين ۾ وڃڻ بجاءِ ڳتن ۽ چڪلن ۾ ويندو يا فيڊرل سيڪورٽي فورس ۾ ڀرتي ٿيندو. ڳالهه سڄيئي هڪڙي آهي!

معزز استادو! ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيو هوم، ته فلسفي جو تعلق دماغ سان، سائنس جو جسم سان ۽ ادب جو واسطو دل سان آهي. دل جڏهن اداس ٿيندي آهي ته ميران ٻائي جي تنبوري جون تارون ٽٽي پونديون آهن ۽ ڪائنات ماتمي بڻجي ويندي آهي. دل جڏهن مستيءَ ۾ ايندي آهي، ته ٻهاڙي جهرڻن مان سهاڳ جا گيت ڦٽندا آهن. دل جڏهن ڳائيندي آ، ته آسمان ۾ اندرات جا رنگ اپرندا آهن. دل جڏهن بود ۾ پرچي ايندي آهي، ته عاهه جو سر سارنگ جنم وٺندو

آهي ۽ دل جذهن بغاوت ڪندي آهي ته هيمون ڪلاڻي پيدا ٿيندو آهي. اها ساڳي دل استاد وٽ سادي ۽ سفيد ڪاغذ وانگر ايندي آهي. اهو پوءِ استاد تي ڇڏيل آهي ته انهيءَ ٻار جي سادي ڪاغذ وانگر بيداغ دل تي ڇا ٿو لکي؟ انهيءَ ڪاغذ تي هو انجيل، گيتا ۽ قرآن به لکي سگهي ٿو، ”مين ڪئمف“ به لکي سگهي ٿو، ”پرنس“ به لکي سگهي ٿو ”داس ڪيپٽال“ به لکي سگهي ٿو، ”گيتان جلي“ به لکي سگهي ٿو، ”شاهه جو رسالو“ به لکي سگهي ٿو، ”موجوده سياسي مسئلا“ به لکي سگهي ٿو. ته ”عظيم انسان“ پڻ.

ٻين لفظن ۾ آءٌ چوڻ چاهيان ٿو ته اهو تعليم ۽ استاد تي مدار رکي ٿو ته مستقبل جو انسان ڪهڙي نموني جو هئڻ گهرجي.

اسڪول ۽ ماحول، ميڪاولي، هٽلر، ميسوليني، فرانڪو، توجو، چيانگ ڪائي شيڪ، زار، سالا زار ۽ يحيٰ کي جنم ڏئي ٿو. ۽ اهو پڻ استاد ۽ اسڪول ئي آهي، جتان مارڪس، لينن، گانڌي، ٽيگور ۽ جي - ايم - سيد زندگي جو فلسفو کڻي اچن ٿا.

دوستو! ١٦ع صدي يورپ ۾ جديد دور جي آغاز جي صدي آهي. هن صدي کان يورپي قومن نه صرف پنهنجي اندروني معاشرتي ۽ معاشي زندگي جي پراڻن قدرن ۽ روايتن کي آهستي آهستي اُجهائڻ شروع ڪيو، نه صرف پراڻي جاگيرداري نظام ۽ شهنشاهيت جي رنگن ڍنگن ۾ تبديلي آندي، پر پنهنجي صنعتي نظام کي مضبوط بنيادن تي بيهارڻ لاءِ ايشيا ۽ آفريڪا جي ملڪن، قومن ۽ حڪومتن کي مڪر، فريب ۽ طاقت ذريعي غلام بنائڻ، پنهنجي صنعت لاءِ ڪچو مال هٿ ڪرڻ ۽ پنهنجي ملڪن ۾ تيار ٿيل شين کي پنهنجي غلام بنايل ملڪن ۾ وڪڻڻ شروع ڪيو. اهو دور يورپ جي اڳتي وڌڻ جو سبب بڻيو، ته ايشيا ۽ آفريڪا جي ملڪن لاءِ ذلت، غلامي محڪومي خواري ۽ پسماندگي جو سبب بڻيو، انهيءَ دور هلندي، ساڳين مقصدن کي مدنظر رکي، انگريزن هن برصغير تي قبضو ڪيو. سنڌ تي انگريزن جي حڪومت جيتوڻيڪ ١٩ صديءَ جي وچ ڌاري باقاعدي طور قائم ٿي، پر سامراجين جا اثر هتي تمام اڳ۾ئي پوڻ شروع ٿي چڪا هئا. پهرين طاقت اچڻ شرط پراڻي نظام تعليم کي درهم برهم ڪري ڇڏيو ۽ انجي جاءِ تي هڪ اهڙي قسم جو نظام تعليم جاري ڪيو جيڪو سامراج جي مقصدن کي هٿي ڏيندڙ هو.

انهيءَ تعليمي سرشتي رائج ڪرڻ مان انگريزن جا ٻه مقصد هئا.
(١) پڙهڻ جو مقصد وڪري، انگريزن کي خبر هئي، ته غلام ملڪن ۾ ڌارين حاڪمن خلاف جدوجهد جي شروعات جيڪڏهن ٿي سگهي ٿي، ته اها صرف پڙهيل ڳڙهيل ۽ باشعور طبقي مان ٿي سگهي ٿي، انهيءَ ڪري هنن تعليم جو مقصد محدود رکيو. اهو هڙ صرف نوڪريءَ ۽ نوڪري جيئن ته حاڪمن جي هٿ ۾ هئي، تنهن ڪري هنن تعلم کي ايترو محدود رکيو، جو ايترا ماڻهو پڙهي سگهن، جن کي سرڪار نوڪريون ڏئي سگهي، جيئن اڻڙا ماڻهو بيروزگاري جي ڊپ کان حڪومت وٽ هميشه مجبور رهن ۽ ڪوبه باغيانه خيال دل ۾ نه آڻين، جو سرڪار جي خلاف ڪا جدوجهد جنم وٺي سگهي. بدقسمتي سان انگريزن جي وڃڻ کان پوءِ ديسي سامراج به تعليمي سرشتي کي جيئن جو پوءِ تيئن باقي رکيو آهي. انهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو آهي، جو پڙهيل طبقو پاڙي ۾ ڌاڙ عوام جي اڪثريت اڻ پڙهيل ۽ جاهل رهجي ويئي آهي ۽ انهن پنهيءَ ۾ سماجي ۽ معاشرتي سطح تي هڪ خال پيدا ٿي ويو آهي. انهيءَ خال ڪمترين ٿي برائين ۽ خرابين کي جنم ڏنو آهي.

(٢) انهيءَ تعليمي سرشتي مان انگريزن جو ٻيو مقصد هو، پڙهيل ماڻهن کي سست ۽ ڪاهل بنائڻ. ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي پرآسائش زندگي ۽ آرام طلبي شاگردن کي ايتري قدر ته سست بنائي ڇڏيو، جو هو پڙهڻ کان پوءِ انهيءَ زندگي ۾ سوني وڃڻ لاءِ تيار ڪونه هئا، جنهن زندگي ۾ سندن سائٽ رهيا پيا هئا. پڙهيل جيڪڏهن هاري جو پٽ به هو ته انهيءَ هر کي ويجهو وڃڻ نه ٿي چاهيو. مزدور جو پٽ هو ته اهو محنت مزدوري ڪري ماني کائڻ لاءِ تيار ڪونه هو. هنکي نوڪري کپندي هئي يا ڪو اهڙو ذريعو جنهن سان بنان محنت جي آسائش ملي سگهي. اهو ساڳيو طريقو اڄ به جاري آهي. شاگرد وقت جي حڪومت جي دلالي ڪري، پرمٽون وٺي، عيش ڪن ٿا، پر محنت لاءِ تيار ڪونه آهن. ڪنهن حڪومت خلاف جدوجهد ڪرڻ ۾ جن تڪليفن جو تصور آهي، انهن کي هو برداشت ڪرڻ لاءِ قطعي آماده نه آهن. نتيجي ۾ سامراج جي دلالي ڪري به پنسو حاصل ڪن ٿا، اوهان استادن کي شاگردن مان انهن پنهيءَ بيمارين جو خاتمو آڻو آهي.

ڀي ڳالهه. سنڌ ۾ ڪنهن به تنظيم يا تحريڪ کي عام ماڻهن تائين پهچائڻ جو سڀ کان موءثر ۽ ڪارائتو ذريعو صرف استاد ئي آهن. هي ملڪ جنهن جو ٽن ڏوين طرفان، هڪ سوچيل سمجهيل سازش ۽ منصوبي تحت مسلسل استحصال ڪيو پيو وڃي، هتي جي عام ڳوٺاڻي ماڻهوءَ کي هن ٢٠ صديءَ جي سائنسي، سماجي ۽ سياسي فاعدن کان محروم رکيو پيو وڃي، هتي جي انسان کي ضروريات زندگي کان وانجهيل رکڻ لاءِ هن دور ۾ ڦورو ٽولن غاصب طبقن ۽ بدمعاش حرفتي ماڻهن منظم نموني پنهنجو پروگرام ٺاهيو ۽ انتي عمل ڪيو آهي. هن عظيم الشان تهذيبي ورثو رکندڙ قوم ۽ ملڪ جو سياسي طرح پنجابي استحصال ڪري، آبادي جي بنياد، فوج جي طاقت ۽ سول سروس جي قابليت جي آڌار تي پنهنجو سامراج قائم ڪريو ويٺو آهي. هتي جي شاندار زبان ۽ قابل فخر تهذيب جو استحصال پناهگيرن جي حقير اقليت اردو زبان ۽ اسلامي تهذيب جي پر فريب نعرن ۽ نظرين ذريعي ڪري رهي آهي. معاشي ناهمواري جي هائي کي سنڌ جو وڏيرو پالي رهيو آهي، انهن حالتن سنڌي ادب، تهذيب ۽ ماضي جي روايات کي ڪاپاري ڌڪ هنيو آهي. عوام تائين پهچڻ جا سڀ ذريعا: جهڙوڪ اخبارون ۽ رسالا، ريڊيو ۽ ٽيليويزن، سئنيما هائوس ۽ ٿيٽر، تقرير ۽ تحرير، سڀني تي مٺين ٽنهيءَ غاصب ڌرين جو قبضو آهي. جنهنڪري صحيح سوچ، آزاديءَ جو پيغام، قومي احساس ۽ وطن جي خوشحالي ۽ حريت جو سبق عوام تائين پهچائڻ سياسي ڪارڪن ۽ قومي ورڪر لاءِ انتهائي دشوار بنجي ويو آهي. سياسي ورڪرن جي چر پر ۽ گفتگو تي حاڪم طبقو اهڙي طرح چوڪسي سان نظرون کپايو ويٺو آهي، جيئن بازار حسن جو پڙوو نٿين ڦاسايل طوائف جي چر پر تي نظر رکندو آهي.

اهڙي حالت ۾ استاد ئي آهن، جيڪي ڪوڪرا پار کان ڪراچي تائين ۽ ڪارونجهر کان ڪنڌ ڪوٽ تائين، هر ڳوٺ ۾ پنهنجي عوام، هارين، پورهيتن، ڪڙمين ڪاسبين، اوٺين ۽ ريڍارن سان رات ڏينهن لهه وچڙ ۾ ايندا رهندا آهن. اهو قدرت هڪ شاندار موقعو سنڌ لاءِ ميسر ڪري ڏنو آهي. اوهان استاد هن وقت سنڌ جي تاريخي فرياد کي جيڪڏهن پڌو ٿا ۽ اهو فرياد عوام ۽ پنهنجي شاگردن تائين پهچايو ٿا، ته اهو تاريخ جو هڪ شاندار باب ٿيندو ۽ وطن عزيز جو

سورخ اوهان جي انهيءَ بهترين ڪارنامي ۽ لاجواب ڪردار لکڻ کان سواءِ اڳتي وڌي نه سگهندو.

اوهان جاگرافي جي سبق ۾ اهو ڪجهه چئي سگهو ٿا، جيڪي چوڻ لاءِ اسان کي پريسن تائين پهچڻ ڏکيو ٿي پيو آهي. اوهان تاريخ ۾ ابترو ڪجهه پڙهائي سگهو ٿا، جنهن جي هن وقت وڌيڪ مديءَ جي مظلوم سنڌ کي ضرورت آهي ۽ جيڪڏهن اوهان پنهنجي بهترين ذهني صلاحيتن کي ڏاهپ سان استعمال ڪيو، ته يقينا غلام سنڌ آزادي لاءِ اٿي تيار ٿيندي.

اڳهوو ننڍ ۾ سڄي سنڌ کي موڙي اٿندي ۽ اهو فاصلو جيڪو دنيا جي قومن صدين ۾ طئي ڪيو آهي، سو سنڌ سالن ۾ طئي ڪري وٺندي. چو ته اوهانجي تربيت ۽ تعليم ذريعي سنڌ کي ڪو ليئن، ڪو مائو، ڪو هوچي من، ڪو ڊاڪٽر جي گوئيرا، ڪو سوئيڪارنو، ڪو نهرو، ڪو گانڌي، ڪو ٽيٽو، ڪو ناصر، ڪو بن باالله، ڪو ڪاسٽرو ۽ ڪو مجيب الرحمان ملي ويندو. ۽ جڏهن به ڪنهن قوم يا ملڪ کي مارڪس، گانڌي ۽ جي-ايم-سيد جي فلسفي ۽ فڪر تي عمل ڪرڻ لاءِ اهڙا ماڻهو ملي وڃن، ته پوءِ اهو ملڪ غلام، بيوس، مجبور ۽ ذليل رهي نه ٿو سگهي. هو شاندار ۽ مضبوط قيادت جي رهنمائي ۾ صدين جا فاصلا سالن ۾، سالن جا مهينن ۾، مهينن جا، هفتن ۾، هفتن جا ڏينهن ۾ طئي ڪري وٺندو آهي. اهو تاريخ جو فيصلو آهي، اها هن صدي جي سڀ کان وڏي سچائي ۽ حقيقت آهي.

ٽيون ڳالهه، جيئن ته اوهان استاد آهيو تنهنڪري اوهان سان ڪي تاريخ جا استاد هوندا، ڪي جاگرافي جا، ڪي حسابن جا، ڪي جاميٽري جا، ڪي علم بدن جا، ڪي ادب جا ۽ ڪي سماجي اڀياس ۽ شهريت جا، ۽ مونکي يقين آهي ته اوهان سان هر هڪ عزت لائق استاد پنهنجي فن جو ماهر ۽ مڪمل ڄاڻو هوندو. جيتوڻيڪ موجوده دور ۾ اهليت، لياقت ۽ حق جي بنياد تي نوڪريون نٿيون ڏنيون وڃن، نوڪريون صرف وڏيرن جي پٽن، وزيرن جي چمچن، حڪمرانن جي لنڊي خوشامد ڪندڙن جي پٽن ۽ پوڻن کي ملن ٿيون. پر آءٌ سمجهان ٿو ته اهڙا نالائق ۽ نا اهل، سفارشي، ابن الوقت، ڪم چور ۽ قوم جا دشمن، استاد جهڙي مقدس پيشي ۾ ڪونه ايندا، چو ته انهيءَ پيشي ۾ هنن کي ڪابه حرام جي ڪمائي ڪانه ٿي ملي.

اهڙا ماڻهو اهڙين جاين تي ويندا، جتي ڪين "هذا من فضل ربي" ۽ بازاري ڪمائي سڀ. جيئن هو شام جي وقت تي پنهنجن بيگمن، سريتن ۽ محبوبائن کي سينگاري، سرڪس جي گهوڙن وانگر رستن ۽ مارڪيٽن ۾ موڪلين. انهيءَ بنيادي ڪارڻ کي مد نظر رکندي، گهٽ ۾ گهٽ استادن ۾ اها اميد ڪري سگهجي ٿي ته هنن ۾ پنهنجي فن سان شوق ۽ محبت هوندي. اهڙي اميد جي آسري تي، آءٌ هيءَ ڪڙي گذارش ڪندس. اها آهي، سنڌ جي تاريخ جي چند ڇاڻ ڪري انکي صحيح صورت ۾ پيش ڪرڻ بابت.

اسان جڏهن به سنڌ جي آزادي ۽ خودمختياري جي ڳالهه ڪريون ٿا ته پناهگير ڪميونسٽ ۽ انهن جا نقلي شاگرد اسانکي چون ٿا، ته پائي سنڌ جڏهن آزاد هئي، ان وقت به سنڌي هاڪمن ۽ قومي بادشاهن جي ظلم هيٺ پيڙجندي رهي، لٽبي رهي، لتاڙبي رهي. سنڌ تي صدين کان سک جو سورج طلوع ٿي نه ٿيو آهي. انهن ماڻهن جي ذهن ۾ بادشاه جو نمونو جيڪڏهن آهي ته اهو ٿي آهي جيڪو روس ۾ زار شاهي ۽ هندوستان ۾ مغل سامراج جو هو.

هنن سنڌي بادشاهن جو نمونو، خوراڪ، بود باش، رهائش ۽ ماڻهن سان برتاءُ نه پڙهيو آهي، ۽ نه ٿي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. آءٌ هتي صرف هيٺري وضاحت ڪرڻ گهران ٿو ته توهان جڏهن عباسي بادشاهن جو ذڪر تاريخ ۾ پڙهو ٿا، ته انهن جي دستر خواني تي هزارها قسمن جي کاڌن ۽ شرابن جو موجود هئڻ به سڻي ٿو. انهن جي محلات جي شان شوڪت ۽ باندين جي جهرمٽ الف ليليٰ داستانن کي جنم ڏنو. اوهان مغل بادشاهن جي روبرو ڪيها قسمن جي طعامن جي موجودگي، سون پيهڻ جي اباڻن، بهترين عمارتن ۽ بيشمار تاج محلن، لال قلعن ۽ [illegible] جي موجودگي ڏسو ٿا. اوهان محمد غوري جي مرڻ کان پوءِ انجي ذاتي خرچ لاءِ گڏ ڪيل خزاني ۾ پنج سو من وڳو هيرا ڏسو ٿا، پر سونکي ٻڌايو سنڌ جي ڪنهن به حاڪم جي دستر خواني جو ذڪر توهان پڙهيو؟ سنڌ جي بادشاهن جي رهائش لاءِ اوهانکي ڪا شاندار رهائش گاه نظر آئي، جيڪا ڪروڙن جي خرچ سان تيار ٿي هجي؟ سونکي افسوس آهي جو جهانگير جون جايون ته سلامت آهن، پر چار نظار الدين جون جايون سلامت نه آهن. ريگستاني رياست جوڌپور جي راجا جي بنگلن ۽ سون جا پينگها ته

ملي سگهن ٿا ۽ سلامت رهي سگهن ٿا، پر چام پنهيي جا نه. عمر سومري جو ڪوٽ ته آهي پر محلات نه ڪانهي. غلام شاه جو قلمو ۽ سيت ته آهن، پر رهائش گاه جو ڪوٽ نه آهي، محلات نه ڪانهي. سبب صرف هي آهي ته سنڌ جا حاڪم انتهائي سادا ۽ عوامي هئا. هنن جي رهائش ۽ خوراڪ سنڌ جي معياري ماڻهو جهڙي هئي، هنن نه اهڙا عياشي جا سامان گڏ ڪيا ۽ نه ئي عوام کي لٽيائون ڦريائون. هو عوام مان هئا، انهن جا خادم ۽ هڏ ڏوکي هئا. هنن پنهنجو معيار زندگي اهڙو رکيو ئي ڪونه جنهن جي لاءِ مغلن وانگر رعيت جو رت چوسڻو پوي. سنڌ تي قبيلن جي پوري برادري جي حڪومت ٿيندي هئي، بادشاه جي مقرري ۽ معزولي پوري قبيلي جي مرضيءَ سان ٿيندي رهندي هئي. هنن جو رشتو ناتو هيٺين طبقن سان هميشه ڳنڍيل رهيو.

چام نظام الدين پنهنجي ڀيڻ هڪ غريب فقير سان پرڻائي هئي. چام تماچي مهاڻن مان شادي، انهن کي پنهنجي برادري ۽ ساٿين ۾ داخل ڪرڻ لاءِ ڪئي هئي. سنڌ جي ماڻهو جو معيار زندگي، انهيءَ دور ۾ ايترو ڪڏهن به نه ڪريو هو، جيترو هاڻ نظر اچي ٿو. انهيءَ وقت سنڌ ۾ زراعت جو نظام انتهائي سادو هو. جتي وڏيري جو وجود به ڪونه هو، هر ماڻهو پوکيندو ۽ کائيندو هو. سال تي ان مان معمولي حصو بادشاهي انتظام لاءِ سرڪار جي حوالي ڪندو هو. اناج ايتري ته جهجهي انداز ۾ پيدا ٿيندو هو، جو بادشاه ملازمن کي پگهار به روڪڙ جي بجاءِ اناج جي جنس سان ڏيندو هو. زراعت جو موجوده سسٽم انگريزن جي اچڻ کان پوءِ شروع ٿيو آهي. انهيءَ مان جيڪي خرابيون ٿيون پيدا آهن، انهن تي هن مهل وقت ختم ٿيڻ ڪري، آءٌ ڳالهائي نه ٿو سگهان، صرف ايترو عرض ڪندس سنڌ جي عوام لاءِ چام نظام الدين جو دور وڌيڪ چڱو هو، ذوالفقار علي ڀٽي جي دور کان. چڱو جيئي سنڌ!

پٽنگن پٺ ڪيو

جمهوري قوتن جي ڪنوينشن ۾
ڪيل تقرير

انهن ڏتڙيل ۽ غريب ملڪن ۾، جتي بي انداز دولت جي چوڌاري بي انداز غريبي گهيرو ڪيو ويٺي هجي. اتي پوليس ۽ فوج حڪومت جا اهم ٿنڀا هوندا آهن. اهڙي پوليس ۽ فوج جنهنجي تربيت غير ملڪي ماهر ڪندا آهن. پوليس جي طاقت ۽ فوج جي قوت انهيءَ حساب سان وڌيل هوندي جنهن حساب سان قوم ۾ جمود هوندو آهي. غير ملڪي هر سال ڏيندڙ قرض جي عيوض اهڙي ملڪ کان خودداري ۽ آزادي جي سوچ لوچ جون رعايتون ڦري وٺندا آهن.

اهڙي ملڪ ۾ بيشمار بدعنوانيون پيدا ٿينديون آهن. وزير امير ٿيندا وڃندا آهن. سندن بيگمون سورنهن سينگارن سان سينگارجي گهمنديون آهن. پارليمينٽ جا ميمبر پنهنجا گهر ڀريندا آهن ۽ هڪ عام پوليس جي سپاهي کان وٺي حڪومت جي معمولي آفيسر تائين ڪوبه نه هوندو آهي جيڪو بد عنوانيءَ جي لعنت جي انهيءَ عظيم جلوس ۾ شريڪ نه هجي.

فرانز فينن

ڀيڙو آهي ڀنيرڪو، جر جرڙو جرڪو
آجو ٿيندو هرڪو، هر مزدور ڪسان
سنڌو ديس مهان!

معزز محترم، نوجوان ساٿيو!

آءٌ اوهان جو دل جي گهراين سان ٿورائتو آهيان، جو اوهان مون کي قومي جمهوري قوتن جي ڪانفرنس ۾ پنهنجي خيالات جي اظهار جو وقت ۽ موقعو ڏنو آهي. آءٌ ان وقت ۽ موقعي مان فائدو وٺندي، ڪن ڳالهين جي وضاحت ڪرڻ چاهيان ٿو.

پهرين ڳالهه ته اڄ جي گڏجاڻي ۾، تورخم کان وٺي ننگرپارڪر، مستونگ کان وٺي ڪوڪراپار تائين، مختلف ماڻهو، قافلا جمهوريت جا مختلف پانڌيئڙا ۽ ڌار ڌار تنظيمن جي نمائندگي ڪندڙ اهي بهادر ۽ دلير، جرئتمند ۽ جاندار انسان، لوهي لنگن وارا هاري، فولادي ارادن جا مالڪ مزدور، گلاب جي پنکڙين، جهڙي جسمن جون مالڪ ڀينرون انساني زندگي جي روشن مستقبل جي ترجماني ڪندڙ شاعر ۽ معاشري جي ناسورن کي اگهاڙو ڪري پيش ڪندڙ اديب، سڀ اچي گڏ ٿيا آهن. اسان سڀني جو مقصد هڪ آهي. اسان سڀني جا ارادا هڪ جهڙا آهن. اسان سڀني جي منزل هڪ جهڙي آهي. اسان جا سور ۽ پور هڪ جهڙا آهن. اسان کي هڪ ئي ماڳ تي پهچڻو آهي، ۽ اهو آهي انسانيت جو شاندار مستقبل. زمين تي زمين جي اصلي وارثن جو جو راڄ ۽ هن ڪائنات تي پورهيت جي حڪمراني انهيءَ ماڳ تي پهچڻ لاءِ اسان جمهوريت جي جدوجهد هلائي رهيا آهيون. اسان چاهيون ٿا ته قلمن تي پهرا نه هجن، وستين تي پوليس ۽ فيڊرل سڪورٽي فورس جي درندن جون لائينون لڳل نه هجن، ته جيئن اسان کي پنهنجي بهادر ۽ دلير عوام سان ملڻ جي سهوليت ٿئي. اسان هنن جا ڏک ۽ سور ٻڌي سگهون، حال اوري سگهون. هنن جي گهرن، ڇپرن ڀاڙن ۽ ڪکن ۾ رهي، سندن مسئلن ۽ مشڪلاتن جو

هلي پيدائي سگهون، ڪين پنهنجي حقن حاصل ڪرڻ جي لاءِ عظيم
جدوجهد شروع ڪرڻ لاءِ پنهنجو تعاون همدردي ۽ مدد آڇي سگهون.
اڄ حالت هي آهي، جو اسان هن سر زمين جا سچا ۽ حلالي فرزند
هن ئي سر زمين تي لڪ چوري جي زندگي گذارڻ تي مجبور آهيون.
اسان جا گهٽ ۽ گهيڙ روڪيا ويا آهن. اسان جي چر پر تي سي -
آءِ - ڊي جا ڪتا ڪرڙي نظر رکيو ويٺا آهن ۽ حڪمران ٽولو اسان
جي عوام سان ملڻ تي انهن چوڪسي رکيو ويٺو آهي، جيئن رقيب
محبوب تي رکندو آهي. ۽ اهي ماڻهو جيڪي هن سر زمين جا سچا
۽ حلالي ٻچا نه آهن، ڌارين جا دلال آهن، عوام جا دشمن آهن،
ڪنهن نظام، نظريي سان وفاداري بجاءِ صرف ڪرسي، پنهنجي پيٽ
۽ پنهنجي اقتدار سان وفادار آهن، سي هن ملڪ ۾ انهن آزادي سان،
دٻدٻي سان ۽ غرور سان هلي ۽ گهمي رهيا آهن، جيئن نادر شاهي
لشڪر دهليءَ ۾ قتل عام ڪرڻ کان پوءِ ٻيوس هندستانين جي لاشن تي
گهمي رهيو هو. هن ٽولي هن بدقسمت ملڪ جي عوام جي تمنائن جي
شيشن کي فيڊرل سڪيورٽي فورس جي ڏنڊن سان ڀڃي پوري، انهن
ٺيڙي ٺڪيڙي ڇڏيو آهي، جيئن ١٨٥٧ع ۾ مغليه شهزادين جي عصمتن
جي آبگنن کي برطانوي فوجي سپاهين لٽي ڇڏيو هو. انهي ڪري،
اسان چاهيو ٿا ته انهن خرابين جو ازالو ڪيون ۽ انهن رڪاوٽن
کي هٽائي، آزادي سان پنهنجي عوام سان ملون. موجوده نظام ۾
جمهوريت سان مقصد صرف اهو آهي. جمهوريت اسان جي منزل ناهي.
جمهوريت منزل تي پهچڻ لاءِ هڪ ڏاڪو آهي، رستو آهي ۽ وسيلو
آهي، ان عظيم الشان مقصد کي حاصل ڪرڻ جو. ۽ اهو مقصد آهي
غريب ۽ مسڪين ماري ماڻهو جي حڪومت هن ملڪ ۾ قائم ڪرڻ.

ٻي ڳالهه - حڪمران ٽولو مختلف علائقن ۽ صوبن ۾ مختلف
دوائون ڪري ٿو. سنڌ ۾ سنڌي سڌائي ٿو، پنجاب ۾ پنجابي،
پختونستان ۾ مسلمان ۽ بلوچستان ۾ آزادي جو علمبردار. سنڌ ۾ اسان
جڏهن به ڪو احتجاج ڏني ڪيو آهي، ته هن سڙي ڪاڏل نظام جي
محافظن ۽ ميڪاولي جي روحاني شاگردن هميشه اهو چيو آهي، ته پائو،
ادا، اسين سنڌي آهيون. سنڌ جي خدمت ڪرڻ اسان جو ايمان آهي.
آئون ذوالفقار علي ڀٽي کان پڇڻ چاهيان ٿو ته جناب والا توهان سنڌ جي
خدمت ۽ حفاظت جي دعويٰ ڪريو نه ٽولي پاڪستان جو اقتدار

ملي. راجا ڏاھر سنڌ جي **حفاظت** جو نعرو هڻي، ته ان کي **شهادت** ملي. تون سنڌ جي خدمت جي ڊاڙ هڻين ته توکي اسلام آباد جي ڪرسي نصيب ٿئي ۽ دريا خان سنڌ جي بچاءَ جو اعلان ڪري ته ان کي تلوار جا گهاءَ نصيب ٿين. تون سنڌ جي محبت جي هام هڻين ته توکي آل عيال سميت عيش ۽ نشاط ملن ۽ سائين جي. ايم سيد جيڪڏهن سنڌ سان محبت جو قسم کڻي ته ان کي زندان ۽ زنجيرون پلئه پون. تنهنجا سيکاريل طوطا جيڪڏهن سنڌڙي سان جنڊڙي لڳي چون ته انهن کي وڏيون وزارتون ملن ۽ اسان جيڪڏهن سنڌ جي خدمت جو اعلان ڪيون ته اسان جي مائرن جي چوٽين ۾ رسا ۽ پيئرن جي ڳچين ۾ ڦندا وجهي عالماڻي جهڙا بيغيرت خسيس آفيسر (ڊي. ايس. پي) ڏاڙن ۾ بند ڪن، مون کي ٻڌايو ته اهو تضاد ڇو؟ اهو ان ڪري ته توهان سنڌ سان سچا ناهيو. توهان هتي جي عوام سان وفادار ناهيو. توهان جي رڳن ۾ مادر وطن سنڌو جي ٿڃ نه پر آمريڪي بولٽن جو پائوڊر ٿو ڊوڙي توهان هن ملڪ لاءِ اهائي حيثيت رکو ٿا. جيڪا فيروز شاھ تغلق، خان خانان ۽ چارلس نيپئر جي هئي. آءٌ جتوئي صاحب کي ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته جنهن ڪرسي تي تون ويٺو آهين، ان تي جيڪو رنگ ۽ روغن لڳل آهي، اهو صدين جي شهيد سنڌين جو مقدس رت آهي ۽ هزارها انسانن جي معصوم آرزوئن ۽ امنگن جي گلڪاري ٿيل آهي. اسان انهيءَ ڪرسيءَ تي ڪنهن ڪرڙ ڪانڊيري کي ڏسڻ چاهيون ٿا. اسان اها اهڙي سانهوءَ جي هيٺ ڪڏهن به برداشت ڪرڻ جي لاءِ تيار ناهيون، جيڪو سانهو سنڌي عورتن ۽ سنڌ جي ڪارڪنن جي پيئرن جي وارنٽن تي دستخط ڪندي، ذرو به شرم محسوس نٿو ڪري. حقيقت ۾ اهي دستخط حڪمران ٽولو پنهنجي ايندڙن نسلن جي خاتمي جي دستاويز تي ڪري رهيو آهي. انهن کي به هڪ ڏينهن عوام جي عدالت ۾ پيش ٿيڻو پوندو ۽ ان ڏينهن انهن جي گريبانن ۾ مظلوم مائرن ۽ ڏکويل ڀينرن جا هٿ هوندا. ڪين ڪابه جاءِ پناه نه ملندي، ڪوبه آمريڪي جهاز هنن کي کڻڻ لاءِ نه ايندو. ان ڏينهن انهن جو ڪهڙو حال هوندو؟ شايد هينئر اهو تصور ڪري نه سگهن.

ٽين ڳالهه. حڪمران ٽولي جي مختلف دعوائن مان هڪ دعوى هيءَ به آهي، ته هي عوامي **حڪومت** آهي. انهيءَ دعوى تي آءٌ

وڌيڪ ٽيڪا ٽپڻي ڪرڻ کان سواءِ، صرف هيترو عرض ڪندس ته هي عجيب ڳالهه آهي ته جيڪڏهن روس ۾ عوامي حڪومت قائم ٿي ته ان لاءِ چوڏهن سال مشڪل جدوجهد سان گڏ لکها انسانن جون قربانيون ڏيڻيون پيون، رت ۽ باهه جي دريائن مان اڪرڻو پيو، ڦاسين جي ڦندن ۾ ٽنگڻو پيو. تنهن کان پوءِ عوامي حڪومت قائم ٿي. چين ۾ جيڪڏهن عوامي حڪومت قائم ٿي، ان لاءِ سالن جي جدوجهد ۽ ١٣ لک شهيدن جي رت جو نذرانو ڏيڻو پيو، تنهن کان پوءِ عوامي حڪومت قائم ٿي، الجزائر ۾ عوامي حڪومت لاءِ ١٦ سال جدوجهد ۽ ڏهه لک ماڻهو قربان ڪرڻا پيون، پوءِ عوامي اچي، بنگلا ديش ۾ ٢٥ سال جدوجهد ۽ ٣٠ لکن انسانن جي لازوال قرباني عوامي حڪومت جي راهه هموار ڪري ۽ ويٽنام ۾ سو ساله طويل جدوجهد ۽ چاليهه لک هارين ۽ مزدورن کي شهادت جو جام پيڻو پيو. پر هي عجيب ڳالهه آهي ته ڀٽو صاحب ۽ پيپلز پارٽي ٻن ماڻهن جي قرباني (حق نواز گنداپور ۽ ڊرائيور ابراهيم) ٣ مهينا جيل ۽ ڏيڍ سال ڳلا ڦاڙي تقريرن ڪرڻ سان عوامي حڪومت قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويهي. يا ته دنيا جي تاريخ ڪوڙي آهي، انهن اڏول ۽ اڙٻنگ انسانن جن آفريڪا جي صحرائن ۾، روس جي برفزارن ۾، ويٽنام جي جهنگلن ۾، چين جي پهاڙن ۾ بنگلا ديش جي ڪيٽن ۾ پنهنجو مقدس رت هاريو سي ڪوڙا آهن؛ يا عاليجناب قائد عوام ۽ سندس چاليهه چور ڪوڙا فريبي ۽ مڪار آهن. انهن ٻنهي ڳالهين مان هڪ ضرور آهي. اهو ماڻهن تي ڇڏيل آهي ته هو ڪنهن کي ڪوڙو ۽ ڪنهن کي سچو سمجهن، پر منهنجو يقين ۽ ايمان آهي ته تاريخ ڪوڙي ٿي نٿي سگهي، تاريخ جو عمل ڪوڙو ٿي نٿو سگهي، شهيدن جو مقدس رت ڪوڙو ٿي نٿو سگهي. باقي ٻيو سڀ ڪجهه ڪوڙو ٿي سگهي ٿو. سڀ ڪجهه ٻوڳس ٿي سگهي ٿو. موجوده حڪمران ٽولو عوامي حڪومت جي نالي ۽ نعري ۾ تقرير ۽ تحرير تي بندش وجهي ٿو، مزدور کان هڙتال جو حق ڦري وٺي ٿو. اديب کان لکڻ جو حق کسي ٿو، ۽ اخبارن تي بندشون وجهي ٿو. پر پوءِ چوي ٿو ته هي سڀ ڪجهه عوام جي مفاد وٽان آهي. آئون هنن کي گذارش ڪندس ته اوهان عوام کي اهو ڪجهه ڏئي ڇڏيو، جيڪو روس ۾ عوام کي ڏنو ويو آهي، جيڪو يوگو سلاويه ۾ ڏنو ويو

آهي ۽ چين ۾ ڏنو ويو آهي ته پوءِ اسان ڏوهان جي هر ڳالهه قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. اسان پنهنجا قلم ۽ ڪاغذ اوهان جي حوالي ڪرڻ لاءِ تيار آهيون.

چوٿين ڳالهه - موجوده دور ۾ حڪمران ٽولو ۽ ان جا اتحادي وڏي زور ۽ شور سان نظريه پاڪستان جي تبليغ ۾ رڌل آهن. پوءِ اها تبليغ ڪهڙي نه هئي. پاڪستان مسلم عوام جي ووٽن هندو ۽ انگريز جي جمهوريت نوازيءَ سبب وجود ۾ آيو. بر صغير جي مسلمان ووٽ جي ذريعي مطالبو ڪيو ته انهن کي برصغير ۾ ڌار حڪومت ڪرڻ جو حق ڏنو وڃي. انگريزن ۽ انڊين نيشنل ڪانگريس جي دوانديش رهنمائن مسلم عوام جي راءِ جو احترام ڪندي، انهن کي ڌار آزاد حڪومت ڪرڻ جو موقعو ڏني، بر صغير جو وراڱو قبول ڪيو. انهن، مسلم عوام جي راءِ کي وٺي، فوج ڪشي ڪري، ٽئنڪن ۽ بمن جي ذريعي مسلم عوام کي انهي ووٽ ڏيڻ جي سزا نه ڏني، فوجي ايڪشن نه ڪيو. نتيجي طور هندستان ۽ پاڪستان جا جهنڊا گڏ جهولڻ لڳا. پر اي نظريه پاڪستان جا ٺيڪيدارو! اوهان بنگله ديش جي بهادر عوام کي پنهنجي آزادي جي لاءِ ووٽ ڏيڻ جي جرم ۾ تاريخ جي وڏي قتلام گهر ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. اوهان انهي جي معصوم ۽ ڪنول جهڙين نازڪ بنگالي نارين کي پنهنجي هوس جو نشانو بڻايو. اوهان ابهم ٻارن کي سنگينن ۾ ٽنبي، انسانيت جي ڳلن تي ٽڪي ڇڏيو. اوهان بلوچستان جي عوام کي ووٽ ڏيڻ جي سخت ترين سزا ڏني ۽ هنن جي نسل ڪشي ڪئي. اوهان پختونستان جي دلير ۽ جانٺ انسانن کي پٺاڻ سڏائڻ جي جرم ۾ حڪومت ڪرڻ کان محروم ڪري بمن جو دونهون پوري ملڪ ۾ پکيڙي ڇڏيو. اوهان انهن ماڻهن کي جيلن ۾ وڌو، جن پاڪستان ٺاهڻ لاءِ ووٽ ڏنو.

سنهنجو والد جيل ۾ آهي. پيغام جو ايڊيٽر مسٽر خادم لاکير انهيءَ ساڻ ملڻ ويو ته سنهنجي والد سادگي سان خادم کان پڇو ته ”ابا! مون ڪڏهن چوري ڪانه ڪئي. مون ڌاڙو ڪونه هنيو آهي مون نه سمگلنگ ڪانه ڪئي آهي، آهي، مون ڪڏهن پنهنجي محنت کانسواءِ ٻي ڪنهن ناجائز طريقي سان هڪ پئسو به حرام جو نه ڪاڙو هوندو ته پوءِ آخر مون کي جيل ۾ ڇو وڌو ويو آهي؟ وڏي ڳالهه ته [illegible] ڪانگريس جي مقابلي ۾ مسلم ليگ کي ووٽ ڏنو هو ۽

پاڪستان لهڻ وقت سون زندگي جي بهرين ۽ آخري نماز ٻه رڪعتون نفل پڙهيا هئا. ڇا سون کي ان ڪري جهل ۾ وڌو ويو آهي ته سون پاڪستان کي ووٽ ڇو ڏنو؟ ڇا سنهنجو ڏوهه پاڪستان کي ووٽ ڏيڻ ئي ته ناهي؟ جنهن ڏوهه جي سزا سون کي هندو ۽ انگريز ڏئي نه سگهيا ان جي سزا سون کي قائداعظم جا جانشين ڏئي رهيا آهن."
ان ڳالهه تي پيغام جو ايڊيٽر صرف اڙ ٻوڙهي ماڻهو جي نظرن ۾ ئي ڏسندو رهجي ويو. توهان ماڻهن جي انهن رايي مان اهو اندازو لڳايو ته سنڌ جو عوام مهاتما گانڌي، جواهر لال نهرو ۽ لارڊ مائونٽ بيٽن کي توهان کان وڌيڪ انصاف پسند ۽ جمهوريت نواز سمجهڻ تي مجبور ڇو ٿيو آهي؟ ڇا ڪٿي اهو احساس اوهان جي بد اعمالن ڪري هن پوري ملڪ ۽ عوام جي لاءِ نقصانڪار ثابت نه ٿئي. سون کي يقين آهي ته اوهان کي ٻه جنرل ٿيو ۽ لون نال وانگر هڪ ڏينهن پنهنجي آقائن کان زندگي جي بيک. مگڻي پوندي ۽ توهان جون اهي بيئنڊ ماسترن واريون ورديون ويڙهه گهر ۾ پيل ڪپهه وانگر گندگي جي ڍيرن تي اڇلايون وينديون. اهو تاريخ جو فيصلو آهي، ائين ٿيندو آيو آهي ۽ ٿيندو رهندو. جيڪڏهن ڪمزور بنگالي بانس جي ڏنڊن سان ايشيا جي بهترين فوج کي گوڏا کوڙڻ تي مجبور ڪري سگهن ٿا ته هي خوب صورت اکين ۽ ويڪل مٿن وارا راءِ سهرس جا وارث، اڙٻنگه سنڌي، اوهان کي ٻه مٿو ٽيڪڻ تي مجبور ڪندا. تاريخ عنقريب انهن سنڌين جي هٿن ۾ پاسو بدلائڻ واري آهي. ان ڏينهن کان بچو جڏهن سنڌ جو ماڻهو زبان جي بجاءِ ڪهڙي استعمال ڪرڻ تي مجبور ٿئي!

ڇگو جيئي سنڌ

پاڱال ۾ پاڙون

ڏوڪري ۾ ٽيل هڪ ڪچهري اندر
سوال ۽ جواب

هيءَ حسين سر زمين اسان جي آهي، انجا
وارث ۽ مالڪ اسان ئي آهيون
جيڪڏهن اسان هتان هليا وياسين
ته انجو حسن مرجهائجي ويندو .

هن رمضان شريف جي مهيني ۾، دوستن جي هڪ ڪچهريءَ ۾ شريڪ ٿيڻ جي لاءِ، ڏوڪري وڃڻ ٿيو. جتي ٻن ڄاڻن تي دوستن سان تمام ڊگهي ڪچهري ٿي، جن سان ڪجهه سوال جواب هتي ڏنا رهيو آهيان. انهن سوالن مان ٢ سوال محترم غلام حيدر جويي پڇيا ۽ هڪ سوال محترم قربان ٻرڳڙي شاگرد چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻه پڇيو.

ته حيدر جويو ادا! اوهان اخبارن ۾ روز پڙهندا هوندو، ته سنڌ ۾ فلاڻي جاءِ تي ٻه قتل ٿيا، جيڪب آباد ۾ چار قتل ٿيا، مگر ۾ ٽي خون ٿيا، لاڙڪاڻه ۾ ٻه ماريا ويا. مهرباني ڪري توهان پنهنجي راءِ ۽ تجزيو ڪيو ته اهي انفرادي قتل ڇو ٿا ٿين؟ ۽ انهن جي پس منظر ۾ ڪهڙو جذبو ڪار فرما آهي؟

جواب:- ادا منهنجي خيال ۾ انفرادي قتل ٿيڻ جو وڏو سبب عدالتن ذريعي ۽ سرڪار وٽان انصاف نه ملڻ آهي. هن ملڪ ۾ ڌاري زبان، وڪيلن جي ڳاٽي ڀڳن خرچن، قانون جي ورن وڪڙن ۽ وڏن ماڻهن جي اثر رسوخ، انصاف کي غريب ماڻهو لاءِ ناممڪن بڻائي ڇڏيو آهي. ڪيترائي خون ناحق آهن، جن کي انصاف جي سفيد چادر هيٺ لڪايو ويو آهي. ڪيترا اهڙا دماغ آهن، جن ۾ انصاف جي گهنڊ جا ٻي سرا نڪتل هٿوڙي وانگر لڳي رهيا آهن. ڪيتريون اهڙيون دليون آهن، جن سان انصاف جي تمنا، وڪيلن جي پئسن ميڙڻ جي هوس جي پيٽ چڙهي وئي آهي. سنڌ جي غريب ماڻهوءَ وٽ نه ايترو پئسو آهي، جو وڪيلن جون فيون ڀري سگهي، نه ايترو وقت آهي، جو ڪورٽن جا چڪر ڪاٽيندو رهي، نه ايترو علم آهي، جو ـ ججن جي ڌاريءَ زبان سمجهندو رهي، ۽ نه اها حيثيت اٿس، جنهن جي ذريعي وڏيري پير، ۽ مير جو ڪيسن ۾ مقابلو ڪري سگهي. انصاف مهانگو ۽ دير سان حاصل ٿيندڙ آهي. انگريزن ديسي ماڻهن کي پريشان رکڻ ۽ وڙهڻ ۽ هڪ ٻئي کي ختم ڪرڻ لاءِ قانون جو اهڙو سسٽم رکيو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي غريب ماڻهو ڪورٽن جي وانگر سالن جا سال قاتل رهي ٿو ۽ وڏو ماڻهو ان قانون کي ٽوڙيو، ڌارين حاڪمن جي پشت پناهي سان جهڪي وڃي مسو ڪندو رهي ٿو. هن قانون ۾

ايتري ته پيچيدگي آهي جو اچ توهان کي هڪ مثال ڏيندس ته هڪڙي ماڻهوءَ ڪنهن ٻئي شخص تي ٢٩ روپين جي ڪورٽ ۾ دعويٰ داخل ڪئي. اهو مقدمو ست سال هلندو رهيو ۽ انهيءَ تي مدعي جو خرچ ٣٠٠ روپيا آيو. انهيءَ کان پوءِ اهو مقدمو ڪورٽ خارج ڪري ڇڏيو. هي واقعو اردو جي ڪتاب تاريخ جرم و سزا ۾ لکيل آهي. هتي ته ڏاڍن جي دعوائن جا فيصلا پڻ پوڻ کي ٻڌايا وڃن ٿا. ايتري دير ۾ جڏهن سنڌي ماڻهو ڏسي ٿو ته سندس پاڻ، پيءُ يا موٽ جو قاتل مزي سان گهمندو رهي ٿو، جنهن سندس نئين گهوٽ پاڻ کي قتل ڪري ان جي وني کي بيوه بڻايو هيو، سو پاڻ سوڙ ٻڌيو ميچ تي ويٺو آهي، يا انهن گهٽين ۾ مڇ مروڙيندو ڏاڍي لئي بازي سان سيٽيون وڄائيندو وتي ٿو ۽ قانون انهيءَ معاملي تي بيوس ۽ مجبور نظر اچي ٿو ته انهي وقت سنڌي ماڻهو جي غيرت جيڪا انفرادي ٿي آهي، جوش ۾ اچي ٿي ۽ هو ٿڌي تي پلاند ڪرڻ لاءِ مجبور ٿيو پوي. انگريزن کي اچڻ کان اڳ انصاف جو طريقو اهو هيو ته راڄ جا چڱا مڙس پاڻ ۾ گڏجي، هفتي ڏيڍ اندر فيصلو ڪري هڪ ٻئي کي مڱ ڏياري، هميشه هميشه لاءِ جهڳڙي جو خاتمو ڪري ڇڏيندا هئا. هن وٽ عام طرح سزا جا ٣ طريقا مروج هوندا هيا.

پهريون :- مقتول جي وارثن کي قاتل کان سنگ ڏيارڻ. ٻيو قاتل کي پٽ پوٽ مان ڪدي ڇڏڻ، ٽيون قاتل کي قتل ڪرڻ. پر اهي سڀئي ڳالهيون وقتائتيون ۽ جلدي ٿينديون هيون، ان ڪري وڏي پيماني تي خونريزي نه ٿيندي هئي ۽ مختلف راڄن ۾ ساٽي ۽ سڱا بندي جو سلسلو شروع ٿي ويندو هيو، انگريزن جي اچڻ سان پراڻو نظام ختم ٿي ويو ۽ هنن هتي جيڪو نئون نظام رائج ڪيو. ان مان هنن جو مقصد صرف عوام کي پريشان ڪرڻ هيو ۽ بس-! هاڻي وقت آيو آهي ته انهي انفرادي غيرت ۽ انتقامي جذبي کي اجتماعي صورت ڏني وڃي، جيئن اهڙو نظام وجود ۾ اچي سگهي، جنهن نظام تحت انصاف ۾ دير نه ٿئي. ۽ انصاف ڪنهن وڏيري پير، مير ۽ وزير جي اشاري تي، رقاصه وانگر نچندو نظر نه اچي. حقيقت هي آهي، جيڪا اسان جي سنڌ جي عوام کي سوچڻ گهرجي ته هنن انگريزن سامراجين ۽ انهن جي ڪارن جانشينن جي دور ۾ انفرادي قتل ۽ خونريزي ذريعي جهيڙيون جانيون وڃايون آهن ۽ رت هاريو آهي، اهو سڀ ڪجهه

جيڪڏهن اجتماعي مقصد جي لاءِ هاريو وڃي ها ۽ قرباني ڏني وڃي ها ته يقينن انصاف جي انڌي لٺ ۽ قانون جي سفيد چادر، جڃن جو ڪهرو آواز ۽ وڪيلن جي هيرا ڦيري هتي جي ماڻهن جي آرزوئن جو گلو گهٽڻ ۾ ناڪام ٿي، پنهنجي آقائن ڏانهن موٽي وڃي ها.

حيدر جويو ٢- سوال- ڇا زميداري نظام، جيڪو هن وقت سنڌ ۾ رائج آهي، سو انگريزن جي اچڻ کان اڳ به موجود هيو، جيڪڏهن نه ته ان ۽ هن نظام ۾ ڪهڙو فرق آهي ۽ انگريزن هي نظام ڪهڙي مصلحت تحت جاري ڪيو؟

جواب :- توهان پنهنجي سوال کي ٽن حصن ۾ ورهايو آهي. پهريون حصو: ڇا انگريزن کان اڳ، وارو ۽ هي نظام هڪ جهڙا آهن؟ ان جو جواب آهي ته نه- ٻيو حصو آهي ڪهڙو فرق آهي؟ان جو جو جواب هي آهي ته اڳي هتي زميداري ڏڪرن ۾ ورهايل ڪانه هئي، پر سنڌي حاڪم ڪنهن ماڻهوءَ کي هڪ پرڳڻو جاگير طور ڏيندا هيا. ان جو مطلب اهو هيو ته اهو ماڻهو انهن ڳوٺن ۾ انصاف قائم ڪندو هو. انتظامي بندوبست رکندو هو. زمين جيڪا هوندي هئي سا انهن راڄن جي ملڪيت هوندي هئي. جيڪو ڪيڙيندو هيو سو کائيندو هو. جاگيردار سال پوري ڏيڻ تي هن کان ان جو هڪ خاص حصو وصول ڪندو هيو انهي انکان ڪجهه هو پنهنجي ڪاڏي خرچ لاءِ ۽ ڪجهه مرڪز ڏانهن موڪليندو هيو ۽ باقي رهيل ان مقامي ماڻهن مان پرتي ڪيل سندس ذاتي لشڪر کي پگهار طور ڏيندو هيو. اهڙو نظام پوري سنڌ ۾ رائج هوندو هيو ۽ ڪنهن به جنگ وقت مرڪز طرفان سڏ ڏيڻ تي مقامي تعلقيدار، جاگيردار ۽ نواب پنهنجا راڄ ۽ سپاهي وٺي، دشمن سان مقابلو ڪرڻ لاءِ شاهي فوج سان گڏ ڏيندا هيا. آبپاشي نظام جي بهتر نه هجڻ جي باوجود سنڌ جي تاريخ ۾ مون ڪڏهن به هي نه پڙهيو آهي، ته ٿر ۽ ڪوهستان ڪانسواءِ ڏڪار وگهي وڏي پيماني تي ڪي ماڻهو مئا. ٻائڻ جي ڪپڙي ڪان وٺي ذد ولوڙڻ جي ماندائي تائين هر شيءِ سنڌي ماڻهو پاڻ تيار ڪندا هئا. لونگيون کيس، گريبون، ڪٽا، جنڊي ۽ ڪاشي جو سامان، گج اجرڪون، ڪاڏي ۽ ململ ايتري انداز ۾ ٺهنديون هيون، جو ڏيساور ۾ به وينديون هيون. سنڌ جي هر گهر ۾، رليون رکڻ لاءِ ڳاڙهي سنجن، ڳاڙهيون ڪٽون، ڳاڙها پمنگها هوندا هئا، جن سان اسان جا

ڪيترا رومانوي داستان وابسته آهن، ۽ اسان جي لوڪ شاعري، خاص ڪري ڪٽ ۽ پنگهي جي ذڪر سان پري پئي آهي. مطلب اهو آهي ته سنڌ جو ماڻهو فاتحن جي حملن کان سواءِ زميندار نظام جي لعنت کان آجو پئي رهيو آهي. انگريزن اچڻ شرطن انهيءَ پراڻي نظام کي ختم ڪري، آبپاشي جي نظام کي بهتر بنايو. زمين جي تقسيم جو نئون ۽ نرالو طريقو ايجاد ڪيو ان نظام تحت زمينون واڏن، ٽپن، ديهن، ۽ جاگيرن جي صورت ۾ تقسيم ڪري، ڪن مخصوص ماڻهن کي ان جو مالڪ بنايو ويو. اهڙي طرح وهيل ماڻهو ڪيتي تي گذران هلڻ ڪري، انهن مالڪن جا هاري بنجي پيا. اهڙي طريقي سان زميندار ۽ هاري به طبقا هتي وجود ۾ آندا ويا. زميندار مخصوص چند ماڻهو هيا، جيڪي انگريزن جا چاپلوس دلال ۽ وطن دوست قوتن جا دشمن هيا. هاري اها وسيع آبادي هئي جيڪا ڪابه چاپلوسي ڪرڻ جي لاءِ تيار نه هئي. اهو آهي ٻنهي نظامن ۾ فرق. اوهان جي سوال جو ٻيون حصو آهي ته انگريزن اهو نظام ڇو ايجاد ڪيو؟ ان جو جواب هي آهي ته انگريزن ديسي دلال پيدا ڪرڻ لاءِ اهو طريقو ايجاد ڪيو، جيئن انهن جي معرفت باقي آبادي تي ضابطو رکي سگهجي، واڄن ۾ حريت پسندن کي پناه جي ٺڪاڻن کان محروم ڪري، انهن وڏيرن ذريعي جاسوسي جو بهتر نظام هلائي سگهجي. ٻيو سبب ته اسيمبلين اندر به اهي سنڌ دلال آڻائي، قانون سازيءَ کي به پنهنجي مرضي مطابق هلائي سگهجي ۽ وطن دوست قوتون اسيمبلين جي ايوانن کان به ٻاهر رهن ۽ ٽي سگهي ته وڃڻ وقت به ملڪ مخصوص طبقي جي حوالي ڪيو وڃي جيڪو بين الاقوامي سطح تي به سندن اشاري تي نچندو رهي ۽ ڪابه جاندار ۽ خود داري واري پاليسي اختيار نه ڪري سگهي. وقت آيو آهي ته سنڌ جو عوام ٻهرين بديسي حاڪمن جي پشت پناهي کان انهيءَ طبقي کي محروم ڪري، پوءِ انهيءَ نظام جو خاتمو آڻي، ٻي صورت ۾ ويهين صدي ۾ به اسان ٻهرين صديءَ عيسوي جي زندگي گذارڻ تي مجبور ٿيندا سين.

سوال ٽيون قربان ٻرڳڙي :- سائين ڇو وڃي ٿو ته سنڌي نوجوان نوڪرين ۽ واپار جي سلسلي ۾ پنهنجي ملڪ کان ٻاهر وڃڻ لاءِ تيار ناهن ان جو ڪهڙو سبب آهي؟

جواب :- ادا اهو چوڻ ته سو سيڪڙو سنڌي ماڻهو ملڪ کان

ٻاهر نٿا وڃن سو غلط آهي. سنڌي ماڻهو ملڪ کان ٻاهر ويا آهن ۽ ويندا رهن ٿا. دنيا جو اهڙو ڪوبہ ملڪ ڪونهي، جت اوهان کي سنڌي نہ ملن. تازو مون برگيڊئر گلزار محمد جي ڊائري ”تذڪره آفريڪا“ ۾ پڙهيو تہ آفريڪا جا ملڪ، ايٿوپيا، ڊاڪار، سيرالون گني، ٽوگو، ڪانگو، انهن ملڪن ۾ ايشيائي زبانن مان جيڪڏهن ڪا زبان عام طرح ڳالهائي وڃي ٿي، اها صرف سنڌي آهي، جنهن ڪري مجبورن مون کي بہ انگريزي کان سواءِ اتي سنڌي ۾ ڳالهائڻو پيو. ان مان توهان اندازو لڳائي سگهو ٿا تہ سنڌي ماڻهو ٻاهر وڃن ٿا يا نہ؟ باقي هي حقيقت آهي تہ عام سنڌي نوجوان پاڪستان جي ٻين صوبن ۾ سنڌ کان سواءِ وڃڻ لاءِ گهٽ تيار آهي. ان جو سبب انهن صوبن جي ماڻهن جو رويو ۽ هلت چلت آهي. ٻي هڪ ڳالهہ جيڪا آءٌ بيان ڪرڻ چاهيان ٿو، سا هي آهي تہ ماڻهن جي روزگار جي وسيلن جي اڻاٺ هوندي آهي. انهيءَ ڪري ان ملڪ جا ماڻهو رزق تلاش ۾ وطن ڇڏڻ جو وڏي ۾ وڏو سبب پنهنجي ملڪ ۾ روزگار جي جي تلاش ۾ در بدر هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ ۾، هڪ شهر کان ٻئي شهر تائين، هڪ صوبي کان ٻئي صوبي تائين، هڪ کنڊ کان ٻئي کنڊ تائين، ولندا، ڏڪا ۽ ڌابا کائيندا رهندا آهن. عربن جون ايشيا ۽ آفريڪا تي چڙهايون، آرين جي وچ ايشيا مان بر صغير ڏانهن لڏ پلاڻ، منگولن ۽ ترڪن جا هندستان ڏانهن ڪٽڪ، اهي سڀ روزگار جي تلاش ۽ پنهنجي گذر ڪرڻ جي هوس ڪري وجود ۾ آيا، اها لڏ پلاڻ انهن ملڪن ٽڪرن ۽ ميداني علائقن مان ٿي آهي، جتي درياه ۽ نهرون، ڍنڍون ۽ ڍورا، گهاٽا جهنگل ۽ سرسبز ساڙيون نہ هونديون هيون يا سخت برف پوڻ ڪري، اتي زندگي گذارڻ محال ۽ مشڪل ٿي پوندو هو، پر سنڌ، عظيم ”درياءَ سنڌ“ جي ٻنهي ڪنارن تي آباد، زرخيز زمينون، ساوڪ ۽ سبزي گهڻي، پيلا جهجها، برسات جام، ان جهجهي، پڪي، اڻ ميو، ساوڪ ۽ سبزي بي انداز. اهي سڀ اهڙيون شيون آهن جن جي هوندي سنڌ جي ماڻهوءَ ٻاهر وڃڻ جي ضرورت ئي نٿي سمجهي. هي سرزمين صدين کان ساز ۽ سرور جي سرزمين رهي آهي. هن جي انچ انچ مان ملڪ جي حب ۽ پيار جا نغما ڦٽي ڦٽي نڪتا آهن، جن هتي جي ماڻهن کي پنهنجي وطن عزيز سان رومانوي طرح وابستہ ڪري ڇڏيو آهي، انهي ڪري هي پنهنجي ديس کي عارضي طرح ٿي ڇڏڻ لاءِ تيار نہ آهن.

ٻيو سبب: هي حقيقت آهي ته، سنڌ جا ماڻهون ڪنهن وقت ڏيساور ۾ وڃي واپار ڪندا رهيا آهن. اهو وقت هيو جڏهن سنڌ جا سامونڊي ٻيڙا درياءُ ۽ سمنڊن جون ڇاتيون چيري، هسپانيا ۽ آفريڪا تائين پهتا. فلسطين ۽ مصر سان واپار ڪيائون. ڏور اوپر تائين پنهنجو علم ۽ هنر، فن ۽ فڪر ونڊيائون ۽ ورڇيائون. تڏهان شاهه جو سر ساموڊي پڙهي ڏسو ته اهو به وقت هوندو هيون، جڏهن عام ويلي، سنڌ جون عورتون پنهنجي ساهڙين جي پلئه سان پرڏيهه ڏين کي ڏيکي سنڌ دريا جي ڪنارن تي ٻاسون ٻاسيندي هيون. جن لاءِ شاهه صاحب چيو آهي:

سر لوهه ڙا گپيا، ڪسر نسريا.
تو ڪئين وسريا ڍولها ڏينهن اچڻ جا.

يا ٻي جاءِ تي چئي ٿو

سر نسريا پساند انڙ لڳا آئه پرين!
سون تو ڪاڻ ڪانڌ، سهين سڪائون ڪيون.

ان مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ جا ماڻهو سالن جا سال ٻاهر رهي، سياري جي شروعات ۾ واپس موٽندا هيا. جن جي اچڻ جو انتظار درياءَ جي ڪپڻ تي ٻيٺل ونين جي اڻ چوڙبل اکڙين ۾ آس جا ديپ جلائيندو هو. ٻر ٻوءِ جڏهن سنڌ جي سر سبز ميدانن فاتحن لاءِ ڪشش پيدا ڪئي ۽ هو ايراني سامراج جي صورت ۾ ڪڏهن يوناني لشڪرن جي روپ ۾ ڪڏهن ڌاڙيلن جي رنگ ۾، ڪڏهن ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي بدمعاشين جي رنگ ۾ سنڌ تي ڪڙڪندا رهيا ۽ سنڌ جي ماڻهن ڏيساور مان جڏهن به واپس اچي ڏٺو ته هن جا سرسبز ميدان رت سان پُريا پيا هئا. گهر ڊٺل هيا، اناج جا گودام قلعارجي ڍيرن ۾ تبديل ٿيل هئا، ۽ زندگي جي هر شي تهه و بالا ٿي وئي هئي. ته هنن ٻاهر وڃڻ کان ئي بس ڪئي ۽ پنهنجي سر زمين ۽ گهرن مان انهن

چنبڙي پيا جيئن سياري جي رات ۾ ننڍڙو ٻار ماءُ جي گرم هڪڪ سان چنبڙي پوندو آهي. ائين وڃڻ کهو ته ٻاهر رهڻ کان بهتر آهي ته گهٽ ۾ گهٽ اهڙي مصيبت جي وقت ۾ گهرن ۾ رهي، واءِ مهرس وانگر وطن جي عظمت لاءِ ڪنڌ ته ڪٽائي سگهون، يا دريا خان بنجي، سر جو نذرانو وطن جي ديويءَ کي ڏان ڪري سگهون. اهوئي سبب آهي ته هنن وطن کان ٻاهر وڃڻ ڇڏي ڏنو. نفسيات جو اصول آهي ته ماءُ پيءُ جا احساس ۽ جذبا شعوري يا غير شعوري طرح اولاد ۾ منتقل ٿيندا رهندا آهن ۽ اهو وطن نه ڇڏڻ جو جذبو ورثي طور سنڌ جي هن نسل تائين به باقي آهي.

جڏهن ماڻهو پنهنجي آزادي حاصل
ڪرڻ لاءِ پڪو ارادو ڪندا آهن ته
پوءِ هن طرح به وڙهندا آهن جو هوائي
جهازن تي پٿر اڇلائيندا آهن ۽ ٽينڪن
کي هٿن سان اونڌو ڪندا آهن.

فيڊل ڪاسٽرو

شـــام

سنڌ يونيورسٽي شاگرد سنگت طرفان
ملهايل سنڌي شام ۾ ڪيل تقرير

جنهن وقت چراغ شام ٻري، ۽ ميخاني ۾ جام ٻري،
تنهن وقت اسانجو پنڌ ٻري، پنهنجو ٻه ٻرانو آ پيارا!

عيدو محترم ۽ نوجوان سائيوا جئي سنڌ!

آءٌ هڪڙي ڳالهه شروع ۾ ئي واضح ڪرڻ چاهيان ٿو ته آءٌ ڪابه سياسي تقرير ڪانه ڪندس.

جيتوڻيڪ سون کي خبر آهي ته هن وقت اسان تاريخ جي انتهائي نازڪ دور مان گذري رهيا آهيون. ان لاءِ نوجوان جدوجهد ڪن پيا، ان تي ڪافي ڪجهه ڳالهايو ويو آهي ۽ اسان جا ڪيترا بزرگ ويٺا آهن جيڪي ان تي ڳالهائيندا. آءٌ هڪ ٻه ڳالهه سمجهائيندس. ڀهريان ته اسان اڄ سون مياڻي جي شام ملهائي رهيا آهيون.

بنارس جو صبح ڪونه پيا ملهايو. شام صبح جو پيغام آهي! شام زندگي ۾ هلچل ۽ اهو وقفو هوندو آهي، جيڪو تياري لاءِ موقعو ميسر ڪندو آهي. شام زندگي جي هلچل کان پوءِ ٿورو وقت سڪون سان گهارڻ جو موقعو آهي. اها شام جنهن جو تصور پين وٽ الائي ڪهڙو هجي، پر سون وٽ سنڌ جي شام جو هڪ نرالو تصور آهي.

دوستوا جي سائين ايم سيد هن اسٽيج تان تقرير ڪندي چيو ته سنڌي نوجوانن سان شام ملهائڻ ياقوتي ڪائڻ جي برابر آهي. ان وقت سون انهي جملي جو مطلب پيو ڪجهه سمجهو، پر رات کان وٺي، اڄ هتي ويهي سون انهيءَ جملي جو مطلب پيو ڪجهه سمجهو هو. انهيءَ وقت سون سمجهو هيو ته سنڌي شاگرد ۽ سنڌي نوجوانن سان شام ملهائڻ ايتري قدر ته قوت ۽ طاقت بخشي ٿو. جهڙو سائيهو ياقوتي ڪائي ميدان ۾ آيو هجي. پر اڄ آءٌ اهو سوچڻ تي مجبور ٿيو آهيان ته سنڌي نوجوانن سان شام ملهائڻ، انهن سان خطاب ڪرڻ لاءِ انهن سان حال اورڻ ۽ کين پنهنجي قومي سٿي کان واقف ڪرڻ لاءِ ايتري ته سگهه جي ضرورت آهي جو سائيهو ياقوتي ڪائي پوءِ اسٽيج تي اچي. اوهان ڪالهه کان وٺي تقريرون ٻڌيون آهن، سنڌ جي آزادي جي

جدوجهد کي تيز ۽ تکو ڪرڻ لاءِ تجويزون ۽ تدبيرون پڌيون آهن، پر سون کي افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته توهان پنهنجي قومي مسئلن کي پڌڻ ۽ انهن کي حل ڪرڻ جي سلسلي ۾ قطعي سنجيده نه آهيو. سون توهان کي سائين جي سالگره تي به هڪ واقعو پڌايو ۽ اج به پڌايان ٿو ته جڏهن ڪينيا ۾ جوموڪينتا جي سربراهيءَ ۾ سائو سائو تحريڪ شروع ٿي، انهي وقت انگريزن ڪينيا جي رهنمائن کي لنډن ۾ گهرائي، سائن مذاڪرات ڪرڻ گهريا، ڪينيا جا رهنما جڏهن لنډن جي هوائي اڏي تي لٿا، ان وقت الف اگهاڙا هيا. اخباري نمائندن کائنن پڇيو ته چا توهان وٽ ايترو ڪپڙو به ڪونه هيو جو اوهان پنهنجو بدن ڍڪي اچو؟ ۽ اگهاڙا اچي پنهنجي ملڪ جي ذلت جو سبب بڻيا آهيو. اخباري نمائندن جي انهيءَ سوال تي آفريڪي نمائندن جواب ڏنو ته اسان وٽ ڪپڙا نه هيا. اسان ڪپڙا پائي پڻي سگهياسين پر جيئن ته اسين پنهنجي قوم جي نمائندگي ڪري رهيا آهيون، انهيءَ صورت ۾ اسان دنيا وارن کي ڏيکارڻ ۽ پڌائڻ چاهيون ٿا ته سامراجي ايڏا ته بدمعاش آهن ۽ ايتريقدر لٽيرا ۽ ڦورو آهن، جو هنن اسان جي قوم جي جسم تان ڪپڙي جو آخري ٽڪرو به لاهي ورتو آهي ۽ هنن کي انهن اگهاڙو ڪري ڇڏيو آهن جيئن اسان اج آهيون.

سائيو! توهان به غلام قوم جا فرد آهيو. اوهان کي گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي قومي غلامي، ذلت پستي ۽ پيڙائءَ جو احساس ته هئڻ گهربو هيو شاهه صاحب چيو آهي ته

سارين ماريس ڪينڪي، مرن مونجهه مياس

سون کي ڪڙن ڪوڏن نه ڪوسه ماريو آهي، عمر جي زندان ۽ زنجيرن ته ختم نه ڪيو آهي، سون کي سارين ۾ بند ڪيو ويو آهي، تنهن سان سان مايوس نه آهيان، پر مارن ۾ جيڪا منجهه، جيڪا مايوسي، جيڪا غفلت ۽ لاپرواهي آهي، تنهن منهنجي جيءَ کي جهوري ڇڏيو آهي، تنهن منهنجي قوت ارادي کي لوڏي ڇڏيو آهي، تنهن سون کي آزادي جي احساس جي باري ۾ شڪي ڪري ڇڏيو آهي، ان ڳالهه جو فڪر ناهي ته اسان غلام آهيون مجبور ۽ مظلوم آهيون، غلام دنيا جي تختي تي پيدا ٿيا ۽ آهن، پر قومن تي به ظلم ۽ جبر ٿيندا رهيا آهن. ۽ ٿين پيا. سون تازو هڪڙي ڪتاب

۾ ٻڌو ته ڪانگو ۾ جڏهن لومومبا اقتدار ۾ آيو، ان وقت اتان بيلجيمي رهاڪو خوف کان ڀڄڻ لڳا. سندس حالت اها هئي جو زال کي ٻڙس جو فڪر ڪونه هيو، ماءُ کي ٻار جي ڳڻتي ڪانه هئي، پيءُ کي پيڻ لاءِ تشويش ڪانه هئي. سڀ افراتفري جي عالم ۾ ڀڄي رهيا هئا، ته چند شيدي ٻيٺا هيا، جيڪي هنن تي ڪليا، شيدين جي انهيءَ ڪلم تي هڪ غيرملڪي سيلاني انهن کي چيو ته ڪنهن انسان جي مجبوري ۽ بيوسي تي ڪلڻ انسانيت جي توهين آهي. انهن چيو ته انهيءَ وقت ۾ انسانيت جي توهين ڪان هئي، جڏهن هنن ئي ڪنارن تان اسان جي ابن ڏاڏن کي اوهان غلام بڻائي، بحري جهازن ۾ کڻي آمريڪا، فرانس، جرمني، اٽلي ۽ اسپين ۾ وڪيو. ان وقت اهو مذاق ڪونه هيو، جڏهن اوهان اسان جي سينن تي گوليون هلايون. ان وقت انسانيت جي توهين نه هئي، جڏهن يورپي فوجن بوٽن سان اسان جا مٿا چچري ڇڏيا. ان وقت اها انسانيت جي بيعزتي نه هئي، جڏهن اوهان اسان جي وات جي گره کان وٺي بدن جي ڪپڙي تائين يورپ ۾ ميڙي کڻي ويو. ان وقت اها انسانيت ڪٿي هئي جڏهن آفريڪا جي صحرائن کي اوهان هن سرزمين جي فرزندن جي رت سان لاله زار بڻايو. ان وقت اها انسانيت ڪيڏانهن مري وئي هئي، جڏهن اسان جي سر سبز ۽ شاداب کيتن ۾ توهان پنهنجون ٽينڪون هلايون؟ ان وقت اها انسانيت ڪٿي هئي، جڏهن ڪنهن يورپي عورت ڏانهن ڏسڻ جي جرم ۾ اسان جون اکيون ڪڍيون ويندريون هيون؟ ۽ اڄ اوهان کي انسانيت جي ياد آئي آهي، جڏهن هن ڌرتي جو اصلي انسان پوري طاقت سان اهو ڪجهه توهان ڏانهن موٽائي رهيو آهي، جيڪو توهان کين ڏنو هيو. اڄ هي ماڻهو جيڪي اوهور (آزادي زنده باد) جا نعرا هڻي اٿيا آهن، جن جي رڳن ۾ صدين جو وحشي خون جوش مان ٽهڪڻ لڳو آهي، سي توهان جي انسانيت نوازيءَ کي چڱي طرح سڃاڻن ٿا ۽ اوهان جي تهذيب کي پوري ريت ڄاڻن ٿا. ته دوستو! هي قومون جن آزادي جو تصور ئي نه ڪيو هيو، تن ۾ جڏهن غلامي جو احساس پيدا ٿيو ۽ سندن جسم تي ذلت جا لڳل ڏنبا چڪڻ لڳا، ان وقت انهن جي فاتحانه يلغار ۽ بهادرانه جدوجهد کي پوري يورپ ۽ آمريڪا جا ائٽم بم ميزائيل ۽ ٽينڪ به روڪي نه سگهيا. اسان ۾ جيستائين غلامي جو احساس پيدا نه ٿيو آهي، ان وقت

تائين اسان جي ڊڪ ڊوڙ، جدوجهد ۽ هلچل اجائي ۽ بيفائده آهي.

ڀائرو! دوستو ۽ سائيو! جيئن مون اوهان کي عرض ڪيو ته شام، زندگي جي هلچل لاءِ هڪ وقفو آهي، ساهي آهي ۽ ڏک پچڻ لاءِ موقعو آهي، شام امن جي علامت آهي. شام جي وقت دشمن جون فوجون هڪ ٻئي کان ڌار ٿي وينديون آهن، جيئن رات جي وقت ڏکايل فوجون آرام ڪري سگهن. اسان اهو امن ان وقت وڃايو هيو، جڏهن سڪندر يوناني اسان تي حملو ڪيو. اسان اهو امن ان وقت وڃايو هيو، جڏهن ايراني سامراج سان مڪران وٽ وڙهندي، سنڌ جو سوويهه مهاراج سيرس شهيد ٿي ويو. اسان اهو امن ان وقت وڃايو هيو، جڏهن وچ ۾ شام سان عرب حملو ڪري آيا هئا ۽ اروڙ ۾ شام جي وقت برندڙ ڏيئا ٻري پيڙڪو کان وسامي ويا هئا. اسان اهو امن ان وقت وڃايو هو. جڏهن دريا خان ٺٽي جي حفاظت ڪندي، ارغون ڪتن جي جارحيت ۽ فريب جي پنجوڙ ۾ ڦاسي پيو هيو. اسان اهو امن ان وقت وڃايو هيو جڏهن روپا ۾ روح ۽ راڙو مٺو هيو. اسان اهو امن ان وقت وڃايو هيو؟ جڏهن مياڻي جي ميدان ۾ هوشو شيدي "مرويسون مرويسون پر سنڌ نه ڏيسون" جو نعرو هڻندي جان ڏني هئي، پر آڻ نه مڃيائين. اسان اڄ انهي امن کي ڳولڻ جي لاءِ گڏ ٿيا آهيون ۽ انهي مون مياڻي جي ياد تازي ڪرڻ لاءِ اچي مڙيا آهيون، جيڪا ست رنگي سانجهي هئي ۽ ڪنهن به ڌارئي جي، ڏنپ هن سرزمين تي نه هئي. اسان اڄ چاهيون ٿا ته هيءَ سر زمين ڌارين جي قبضي ۽ تسلط کان آزاد رهي. ڪنهن ڌارئي جي هتي ڌاڪ نه هجي، ڪوبه لٽيرو سنڌ جي ساڻهو جي گذران جي وسيلن تي ڌاڙو نه هڻندو هجي ۽ سنڌ هتي جي عوام جي قبضي ۽ ڪنٽرول ۾ هجي ۽ اسان جا پير هن سر زمين تي مضبوط هجن. اسان ۾ دوست ۽ دشمن جي سڃاڻپ جي سمجهه هجي ۽ اهو دور وري آئيون جنهن دور ۾ سنڌ جا بحري بيڙا سمنڊن ۽ درياڻن جون ڇاتيون چيري اسپين ۽ آفريڪا پهچندا هيا، سنڌ جي موسيقي جون لهرون يورپ تائين پهچنديون هيون. جڏهن شام ويلي سنڌ جون وڻيون سنڌوءَ جي ڪناري تي ڏيئڙا ٻاري اوسيئڙي ۽ انتظار سان جهونگاريندڙيون هيون ته .

سر لوهيڙا گهيا ڪسر نسريا، تو ڪيئن وسريا ڍوليا ڏينهن اچڻ جا-

سر نسريا پانڌ، اتر لڳا اڄ پرين! مون تو ڪارڻ ڪ ڍمسهين مکائون ڪيون

انهيءَ شام جي تلاش ۾ اسان ڪڏهن اروڙ ۾ رت هاريو، انهيءَ شام جي تلاش ۾ اسان ڪڏهن مخدوم بلاول بنجي، گهاڻي ۾ پيڙيا واسين. انهيءَ شام جي تلاش ۾ اسان ڪڏهن ننگر جهڙا نينگر بنجي، نينهن جو ناتو نڀايو ۽ وطن جي بچاءَ جي لاءِ ڪوٽن سان ڪيل قول پاريا سين، انهيءَ شام جي تلاش ۾ اسان ڪڏهن ساڻي جو سان ٺاهون ڪيو ۽ انهي ئي شام جي تلاش ٿئي. جڏهن اسان ڪان هيمون جي روپ ۾ ڦاس تي به جيئي سنڌو ديش جا نعرا هڻايا.

ٽين ڳالهه:- قريشي صاحب سامراجي ملڪن ۽ قومن جون ٻه پاليسيون هونديون آهن، هڪڙي پنهنجي ملڪ لاءِ ۽ ٻي سندن غلام ملڪن لاءِ پنهنجي ملڪ اندر هنن جي پاليسي انصاف جمهوريت، رواداري ۽ انسانيت دوستي واري هوندي آهي ۽ ننڍڙن غلام ۽ محڪوم ملڪن لاءِ هنن جي پاليسي جارحانه ۽ وحشانيت سان ڀرپور جذبي تي مبني هوندي آهي. آمريڪا ۾ جڏهن واٽر گيٽ اسڪينڊل جهڙو معمولي واقعو ٿي پوي ته صدر نڪسن کي استيعفا ڏيڻي پوي، پر جڏهن آمريڪا کي ويٽنام ۾ چاليهه لک انسان مرٿا پون ته ان تي آمريڪا جي انسانيت دوستي تي ڪوبه اثر نه ٿو پوي. فرانس ۾ مزدورن ۽ شاگردن جي معمولي بيچيني موسيو ديگال کي استيعفا ڏيڻ تي مجبور ڪري، پر الجزائر ۾ ڏه لک عربن جو قتل عام ديگال لاءِ ڪنهن به خطري جو سبب نٿو بڻجي. يوگنڊا ۾ برطانيه جو معمولي پروفيسر قيد ٿي پوي ته پوري برطانيه ۾ ٿرٿلو مچي وڃي، پر سو سالن تائين برطانوي سامراج پوري دنيا کي قيد ڪيو ويٺو هجي ته اهو ڪو غيرمعمولي واقعو ناهي. بنگلا ديش ۾ پنجابي فوج قيد ٿئي ته پوري پاڪستان ۾ صف ماتم وڇائجي وڃي، پر انهيءَ سرزمين تي جڏهن ٣٠ لک بنگالين جا بي غور و ڪفن لاش اسان جي مسلماني تي ماتم ڪندا رهن ته به اسان کي ڪا پرواهه ڪانهي. بيلجم جا رهاڪو جڏهن اڄ آفريڪا کي لتاڙيندا ۽ پيليندا وتن ته اهو سندن جائز حق شمار ڪيو وڃي، پر آفريڪا جي عظيم ليڊر لومبا ريلوي جي ڪلارڪي تان انهيءَ ڪري برطرف ڪيو وڃي ته هن جي ڪاتي سان معمولي گهٽ ٻڌ نڪري. لومبا ريلوي ۾ ڪلارڪ هوندو هيو، بيلجم وارن ڪيس بدعنواني ۽ رشوتخوري جي الزام ۾

برطرف ڪري ڇڏيو، پر آفريڪا جي عظيم عوام پنهنجو رت ڏئي ثابت ڪيو ته لوممبا ڏوهي نه، اسان جو ليڊر آهي. بدعنوان ڏوهي نه آهين پر ٻاهرين وارا آهن.

ساڳي حالت هن ملڪ ۾ پناهگير پنجابي سامراج جي آهي. اردو جو شاعر راشد جيڪڏهن مري ويو ۽ مرڻ وقت وصيت ڪري ته سندس جنازي نماز نه پڙهي وڃي ۽ سندس لاش پورڻ جي بجاءِ ساڙيو وڃي، ته ان جي باوجود پاڪستان ٽيليويزن ۽ ريڊيو ٽن ڏينهن تائين هن جي ماتم ۾ پروگرام نشر ڪن، پر سنڌ جو شاعر نياز همايوني جيڪڏهن ايئن چوي ته

دين ڌرم جي ڏوکي لڳجي، نيٺ اسان اُڪير ڪوا اچي،
سنڌ سوا ڳالهه نه ٿيندي پيل سامهون گولي اچي.

ته سندس ڪتاب ضبط ڪيو وڃي ۽ ڪيس ڪافر هجڻ جو سرٽيفڪيٽ ڏنو وڃي. جيڪڏهن اداڪار جو نمائندو، جيڪو رات هتي موجود هيو، سو هتي موجود هجي ته آءٌ ڪانئس ايترو معلوم ڪرڻ چاهيان ٿو، ته تنهنجو مطالعو ۽ مشاهدو ايترو ته تيز آهي، جو تون بند ڪمرن جون خفيه ميٽنگون پڌريون ٿيون، تون پنهنجا معلوم ڪريو وٺين ۽ تون سنڌ جي سرحدن تي خفيه ميٽنگوارڙ جي هلچل کي تاڙيو وٺين. پر تون هن سر زمين جي فرياد ڇو ٻڌي سگهين؟ تون هتي جي قوم جي اندر جون آهون ۽ دانهون ڇو ٻڌي سگهين؟ تون هن ڌرتي جي ڇهندڙ تاريخ ڏانهن ڌيان نه ڏنو آهي، تو هتي جي عوام جي بکين پيٽن ڏانهن نه ڏٺو آهي. تو هتي جي ڌڪاريل انسانن جي اندر ۾ جهاتي پائي سور ۽ پور نه جاچيا آهن، تو هتي جي سنڌي ڪتابن جي جليل قلهار کي نه ڏٺو آهي. لاهور ۾ ڪنهن بوڪنگ اسٽيشن تي جيڪڏهن ڪنهن پنجابي جي سٽي تان پوتي لهي ٿي ته تنهنجو قلم فورن حرڪت ۾ اچيو وڃي، پر جڏهن سنڌي ورڪرن جي سائن ۽ پيٽرن جي چوٽين ۾ رسا وجهي ۽ سندن پوڙهن پڙن جي ڳچين ۾ ڦندا وجهي، ٿاڻن ۾ بند ڪيو وڃي ته اهو تنهنجي لاءِ ڪو مسئلو ڪونهي. انهي ڪري جو تون سامراجي ذهنيت جو نمائندو آهين. تون حاڪمن طبقن جو فرد آهين ۽ تون مستقل مفاد جو ساٿاري آهين.

هن ملڪ ۾ پنجابين ۽ پناهگيرن لاءِ هڪڙي پاليسي مرتب ٿيندي رهندي آهي ۽ سنڌين لاءِ ٻي هتي پناهگير ۽ پنجابي قاتلن کي ٻه نه ڇڏيو ويندو آهي، پر حق گهرڻ جي پاداش ۾ مولا بخش لغاري جي سهري کي گرفتار ڪيو ويندو آهي، عبدالواحد جي ٻيءَ ۽ ٻارن کي ٻڌو ويندو آهي، اسماعيل جي ٻارن کي هٿڪڙيون هڻيون وينديون آهن، شاه محمد جي ماسي کي ڪاٺ ۾ وڌو ويندو آهي. جرم جيڪڏهن ڪيو آهي ته اسان ڪيو آهي، اسان جي مائٽن ته ڪونه ڪيو آهي. اسان جي مائٽن جو ڏوهه ۽ گناهه صرف اهو آهي، جو انهن اسان کي جنم ڏنو آهي، جيڪڏهن اهو ڏوهه آهي ته هن غلامي واري دور ۾ هن ذلت ۽ پستي واري زماني ۾ هر ماءُ باغي ٻار کي جنم ڏيندي رهندي ۽ هر پيءُ پنهنجي باغي پٽ کي پينگهي ۾ لوڏيندي رهندي ۽ هر پيءُ باغي پٽ کي هلڻ سيکاريندو رهندو..........!!

چوڻين ڳالهه: نه صرف اسان کي پنهنجي حقن لاءِ آواز اٿارڻ تي بندش آهي، پر اسان جي پنهنجي پوري تاريخ به پڙهڻ نه ٿي ڏني وڃي ۽ اسان جي صحيح تاريخ کي بگاڙڻ جي مسخ ڪرڻ جي، هيٺ ڪرڻ جي منظم سازش تحت ڪوشش ڪئي پئي وڃي. اعجازالحق قدوسي تاريخ سنڌ نالي اردو ۾ ڪتاب لکيو آهي، جيڪو مرڪزي اردو بورڊ طرفان لاهور مان شايع ڪيو ويو آهي. قيمت ٣٠ روپيه آٿس. انهي ڪتاب ۾ تاريخ دان لکي ٿو ته مخدوم بلاول هڪ اللھ لوڪ فقير هو، هو عبادت ۽ رياضت جو وڏو پابند هيو، هن جو مقبرو مڪلي تي شيخ حماد جمالي جي ڀر ۾ آهي. انهيءَ تاريخدانن کي ايتري به خبر ڪانهي ته مخدوم بلاول جي قبر ڪٿي آهي؟ حالانڪ دادو جي ٻار ٻار کي خبر آهي ته مخدوم بلاول جي قبر باغبان ۾ آهي. انهيءَ طريقي سان جيڪڏهن اسان جي تاريخ کي بگاڙڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته ميانِي ڪو انڙ جهڙو مورخ انهيءَ بحث جو عبرت اخبار ۾ آغاز ڪندو ته مخدوم بلاول جي قبر ڪٿي آهي ۽ ان نالي سان ڪو سنڌ ۾ ماڻهو به هو يا نه؟ جيئن ڪجهه وقت اڳي ڊاڪٽر بلوچ ۽ پير علي محمد راشدي جو بحث هليو هو ته هوش محمد جي قبر ڪٿي آهي.

ان ڪان سواءِ هڪ منظم منصوبي تحت اسان کي پنهنجن تاريخي هيرن کان ڪٽيو وڃي ٿو. اسين جيڪڏهن مهاراجه ڏاهر جي عظمت

جو ذڪر ڪريون ٿا ته ڊاڪٽر بلوچ ڪاوڙيو ڇو ٿي پيا! ڏاهر جو ذڪر ڇو ٿا ڪيو؟ آءٌ عرض ڪرڻ چاهيان ٿو ته ڏاهر جو ذڪر اسان لاءِ پنهنجي قومي وجود جي باقي رکڻ جي علامت آهي. نبي صلعم نوشيروان جي وقت ۾ پيدا ٿيا هئا ۽ پاڻ سڳورن فرمايو هيو ته خدا جو شڪر آهي جو مان عادل بادشاهه جي وقت ۾ پيدا ٿيو آهيان. نوشيروان مسلمان ڪونه هيو، پر باهه جو پوڄاري ڪافر هيو. جيڪڏهن رسول باهه جي پوڄاري جي تعريف ڪري سگهي ٿو، ته اسان پنهنجي قومي هيري ڏاهر جي تعريف ڇو نه ٿا ڪري سگهون.

ان کان سواءِ پاڪستان وارا رات ڏينهن هوچي منه جي تعريف جا گيت ڳائيندا رهن ٿا، آءٌ صرف ايترو پڇڻ چاهيان ٿو جيڪڏهن ڏاهر ڪافر هيو ته هوچي منه ڪهڙو احرام پائي ڪعبي مان ٻاهر نڪتو هيو؟ شهنشاهه ايران جيڪڏهن پنهنجو اڍائي هزار ساله جشن ملهائي، ته اسلامي جمهوريه پاڪستان جو سربراهه ان ڪافر بادشاهه جي جشن ۾ شريڪ ٿئي، پر جيڪڏهن اسان ڏاهر جو نالو وٺون ته اسلام خطري ۾ پئجيو وڃي.

ان سواءِ نبي صلعم جو چوڻ آهي ته بهترين جهاد ظالم حاڪم کي سچ چوڻ آهي. جيڪڏهن ابن قاسم ۾ واقعي ڪا غيرت هئي ته هو حجاج بن يوسف کي حق چئي ها، جنهن حجاج ڪعبي جون ديوارون ڊهرايون، عبدالله بن زبير کي ڪهي ان جو لاش رستي تي ٽنگائي ڇڏيو، ۽ مولانا آزاد جي لکڻي موجب جنهن ساڍو هڪ لک اٺاويهه هزار انسان بنا جنگين جي قتل ڪرايا هجن. محمد بن قاسم اهڙي ظالم کي ته حق چئي نه سگهيو پر ڏاهر سان جهاد ڪرڻ لاءِ ڀڄڪو پئي نڪتو. آءٌ ته اڃا به وڌي ايترو چوندس ته محمد بن قاسم اهڙي حڪومت جو چاڙتو هيو، جنهن جي ڀرين سر رسول الله صلعم جي جي ڏوهٽي امام حسين جي لاش تي رکي ورتي هئي.

ٿوري دير لاءِ اسين ڏاهر کي ڇڏيون ٿا پر اسان جيڪڏهن شاهه بيگ ارغون جهڙي لعنتي جي مذمت ڪيون، جنهن مخدوم بلاول جهڙي انسان کي گهاڻي ۾ پيڙايو ته ”نوائي وقت“ اخبار ايڊيٽوريل لکي، ته نظريه پاڪستان کي خطرو. اسين جيڪڏهن فيروز شاهه تغلق جي مذمت ڪيون ته علي نواز جتوئي ڪاوڙجيو پوي. اسين جيڪڏهن چار ٻيهي کي پنهنجو هيرو سمجهون ته جسارت اخبار مضمون

نکي ته اسلام خطري ۾ پئجي ويو آ، صرف ايترو چوڻ تو چاهيان، ته ڪآهي ڏاهر ته واقعي ڪافر هيو، پر درياخان ته مسلمان هيو، ان تي مسلمانن ڇو حملو ڪيو؟ جام ننڍو ته مسلمان هيو، ان تي تغلقن ڇو حملو ڪيو؟ سومرا ته مسلمان هيا، انهن تي علاوالدين ڇو ڪاه ڪئي؟ ۽ اڄ به اسان سنڌي مسلمان آهيون، توهان يوپي، سي پي، بهار ۽ اوڙيسا مان ڪٽڪ وٺي، ڇو پيا سنڌ جي زمين کي ڀريو؟ توهان جي انهن روش کي ڏسي انصاف پسند مورخ اهي ئي چوڻ تي مجبور ٿيا آهن ته توهان جا سڀ حملا ۽ ڪاهون صرف دولت گڏ ڪرڻ مال ميڙڻ ۽ انسانن کي غلام بنائڻ لاءِ هيا ۽ آهن، بس ـ !

جيئن ته آئون سياسي تقرير نه پيو ڪيان، ان ڪري گورڪي جو قول اوهان کي پڌائيندس. گورڪي لکيو آهي ته ”جيڪڏهن مون کي ڪتان ننڍي خوشي به ملي ته آءُ ان کي قبول ڪرڻ ۾ مسرت محسوس ڪندس. پر آءُ ننڍڙي خوشي لاءِ پنهندس ڪونه“ ساڳي طرح اسان جي به ننڍڙي خواهش ننڍڙي خوشي ننڍڙو مطالبو آهي، اهو هي ته هن سر زمين تي سنڌ جي عوام جي مرضي مطابق ڪين ٿي حڪومت ڪرڻ جو حق ڏنو وڃي. هتي يونانين، ايرانين، ارغونن، ترخانن، تغلقن، خلجين، مغلن، انگريزن پنجابين، پناهگيرن ۽ ٻين راڄ ڪيو آهي، هاڻ صرف هتي سنڌ جي هن دلير ۽ بهادر عوام کي راڄ ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي.

جيئي سنڌ!

جڏهن عوام جون دلمون جهالت ۽ وهم پرستيءَ سان ڀريل هونديون آهن، تڏهن انهن جي دلين ۾ خوف جو ماحول پيدا ٿيندو آهي. چالاڪ ۽ هوشيار ماڻهو اهڙين حالتن جو ناجائز فائدو وٺي مٿن قابض ۽ حڪمران ٿيڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

جي - ايم سيد

بقا جي جنگ

سائين جي - ايم سيد جي سالگره
تي ڪيل تقرير

صدر محترم ۽ پيارا سائيو جهڙي سنڌ :-

هڪ سال گذرڻ کان پوءِ اڄ وري سنڌ جي سائين جي سالگره تي اچي گڏ ٿيا آهيون. هن هال ۾ وينل نوجوانن کي ڏسي انهن جون تقريرون ٻڌي ۽ نعرا سمجهي آءٌ يقين سان چوان ٿو ته نوجوانن جو هي بي جگر ڪاروان زندگي، عمل، ۽ ارادي سان ڀرپور دليون کنهن صبح کي جنم ڏينديون. ڪا ٻيرو پيدا ڪنديون ۽ هن سر زمين جي صدين کان ستل قسمت کي جاڳائڻ ۾ ڪامياب ٿينديون.
دوستو :- هن کان اڳ سنڌي شام جي موقعي تي مون عرض ڪيو هئو ته سامراج جون ٻه پاليسيون ٿينديون آهن. پنهنجي ملڪ ۽ عوام لاءِ هڪڙي پاليسي هوندي اٿن، ۽ قبايل ملڪ ۽ محڪوم قوم لاءِ لاءِ ٻي پاليسي. آمريڪا جي آمريڪي عوام لاءِ پاليسي ڌار آهي، ۽ ويٽنامي عوام لاءِ جدا. اڄ آئون اوهان کي سامراج جي قسمن جي باري ۾ ٻڌائڻ چاهيان ٿو. پر ان کان اڳ اها وضاحت ڪريان ته سامراج ڇاکي چئبو آهي.

سامراج هر انهي ملڪ، قوم ۽ گروه کي سڏي سگهجي ٿو، جيڪو ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ ٻئي ملڪ ۽ قوم تي قبضو ڪري ان کي پنهنجي بيڙڪ بڻائي. اتان جو ڪچو سال ڪٺائي پنهنجي ملڪ جي ڪارخانن ۽ واپار ۾ واڌارو ڪري ۽ تيار مال وڏي اگهه ۽ قيمت تي وري ساڳي محڪوم ملڪ ۾ غلام قوم کي وڪڻي. اهڙي طريقي سان ٻئي قسم جي ڀر ماريت هلائي غلام ملڪ جي ماڻهن سان رت ۽ ست جو آخري ڦڙو به نپوڙي ڪڍي ڇڏي. انهيءَ سامراج جا ٽي قسم آهن.

١- ڀاڻ غلام بنايل ملڪ ۾ فاتح بڻجي اچي ويهي رهي ۽ اتي جي عوام جي آزادي، ملڪيت، معيشيت ۽ دولت ڦري لٽي ڀاڻ سان گڏ آيل چند سپاهين، اميرن، درٻارين، ٻانهين ۽ قصيده گو شاعرن ۾ ورهائيندو رهي. جهڙي طرح مغل هندستان ۾ ڪيو. عربن اسهن ۾ ڪيو، ۽ ارغونن، ترخانن ۽ ٻين سنڌ ۾ ڪيو. انهيءَ صورت

۾ سامراج جو سرشتو پنهنجي اصلي سرزمين ۽ ملڪ مان بلڪل ڪٽجي ويندو آهي ۽ هو ڌاڙيل بنجي ايندو آهي ۽ شهنشاهه بنجي مرندو آهي. انهيءَ سامراج جي هڪ صورت اها به ٿيندي آهي. اها هي ته هو لٽ مار ڪرڻ ايندو آهي، ۽ لٽ مار جو مال کڻي هليو ويندو آهي، ملڪ وري به مقامي ماڻهن جي قبضي ۾ رهجي ويندو آهي. جيئن تيمورلنگ، احمد شاهه ابدالي، نادر شاهه هندستان ۾ ڪيو ۽ جيئن خليجين پٺاڻن مدد خان سميت سنڌ ۾ ڪيو.

٢- سامراج جو ٻيو قسم اهو آهي جنهن ۾ سامراج پاڻ پنهنجي ملڪ ۾ ويٺو هوندو آهي ۽ فوجي طاقت جي ذريعي ٻئي ملڪ تي قبضو ڪري، اتي پنهنجو نظام ۽ نظريو رائج ڪري، مقامي ماڻهو جو مال، ملڪيت، سون، هيرا، جواهر پنهنجي ملڪ ۾ ڪڍائيندو رهندو آهي. ان لاءِ هو پنهنجي ملڪ جون نوجون، واپاري، مذهبي اڳواڻ سول انتظاميه جا آفيسر ۽ تعليمي ماهر محڪوم ملڪ ۾ رکي حڪومت ڪندو آهي. جيئن انگريز هندستان ۾، عرب سنڌ ۾، فرانسيسي الجزائر ۾، بلجڪي ڪانگو ۾، ڊچ انڊونيشيا ۾ ۽ پورچوگيز انگولا ۾ رهيا.

٣- سامراج جي ٽين صورت جيڪا موجوده دور ۾ گهڻو ڪري مروج آهي. سا هي آهي ته سامراج ملڪ ۽ قومون مقامي ماڻهن جي معرفت ۽ انهن جي وسيلي دنيا جي اسرندڙ ۽ ايرندڙ ملڪن ۾ اقتصادي امداد، فوجي معاهدن، ۽ ثقافتي عهدنامن ذريعي ڪري رهيا آهن. جيئن آمريڪا، لاطيني آمريڪا جي ملڪن، فوجي معاهدن جي ميمبر حڪومتن ۽ ننڍين قومن سان ڪري رهي آهي. پر سنڌ جو ته مثال ئي نرالو آهي. هتي اسان وٽ ٻن قسمن جو سامراجي سرشتو چالو ڪيو ويو آهي. هڪ ته پنجابي ۽ پناهگير سامراج وڏي تعداد ۾ سنڌ اندر آڻي کڙڪيو آهي. جنهن سنڌ جي هر شيءِ تي قبضو ڪري مقامي ماڻهن کي جانورن واري زندگي گذارڻ تي مجبور ڪيو آهي. پر ته ٿي حڪومت حقيقت ۾ پناهگير پنجابي جنرل، ڦورو، غاصب، ۽ بدترين قسم جا ظالم ڪري رهيا آهن. ليڪن مقامي وڏيري، پير ۽ سيد جي معرفت اسان جي سامهون ظاهري طرح ته سنڌي ڳالهيندڙ ٻيا موجود آهن. ليڪن اهي صرف اڱرين جا گڏا، ٻئي جي اشاري تي نچندڙ ۽ بيجان پتليون آهن انهن جي پٺيان پناهگير سول انتظاميه ۽ پنجابي فوجي جنتا جو مڪروه ۽ ذليل ذهن ڪم ڪري رهيو آهي.

سامراج جي خلاف جڏهن به جدوجهد ٿي آهي، جڏهن به آزادي
جو جهنڊو انساني هٿن ۾ ڦڙڪڻ لڳو آهي سامراج جي سڀ کان
بدترين ۽ مشڪل صورت آزادي جي راهه ۾ رڪاوٽ ۽ رنڊڪ بڻجڻ
لاءِ مقامي ماڻهو واري حڪومت ثابت ٿي آهي. آزادي جي جنگ
جي هر مورچي، هر محاذ، هر ميدان ۽ هر اسٽيج تي مقامي مجاهدن
کي انهن ڇڙي برغلايو ويو آهي، لڳيو ويو آهي ۽ ڌوڪو ڏنو ويو
آهي ته توهان جو ماڻهو ئي ته حڪومت ڪري رهيو آهي. ڏسو
فلاڻي ڪامريڊ کي سيڪريٽري ڪيو ويو آهي. فلاڻي وڪيل کي
شرف ملاقات بخشيو ويو آهي، ۽ فلاڻي شاعر کي سياهه ۽ سفيد جو
مالڪ بنايو ويو آهي. اهڙي طريقي سان آزادي جي تحريڪ ۽ حق
جي جدوجهد کي ختم ڪيو ويو آهي. دنيا جا اهي بهادر ۽ دلير
انسان، اهي ڏاها ۽ سچار مجاهد جن پنهنجي زندگي سان پريت جي
ريت نڀائڻ جو قسم کنيو ۽ پنهنجي قوم جي ڏکن ۽ سورن سان پاڻ
کي انهن ملائي ڇڏيو جيئن چمڪ جي چانڊوڪي ۾ به ازل جون
اجايل دليون ملي هڪ ٿي وينديون آهن. تن انهن سڀني حرين، چالاڪين
مڪارين ۽ فريب ڪارين جي واريءَ جي ڪوٽ کي اُلٽن سان ڊاهي
ديسي دلالن کي پنهنجي آقائن وٽ پڇي وڃڻ لاءِ مجبور ڪيو.
جيئن ڪمبوڊيا جي بهادرن لون نال سان ڪيو ۽ جيئن ڏکڻ ويٽنام
جي مجاهدن جنرل ٿيوکي ٿڏي ڇڏيو. اسان کي ڇيو وڃي ٿو ته پائي!
موجوده حڪمران ٽولو سنڌي آهي، انهي ٽولي خلاف ڳالهائڻ،
ڪڇڻ، احتجاج ڪرڻ ۽ ڪين بي نقاب بنائڻ سنڌ سان دشمني
جي برابر آهي. اسان جو جواب صرف هي آهي ته جيڪڏهن جنرل
ٿيه جي خلاف جدوجهد بغاوت نه پر حب الوطني جي مقدس جنگ
آهي، جيڪڏهن لون نال جي خلاف احتجاج ٿي نه پر هٿيار کڻڻ
ڪمبوڊيا جي سر زمين سان غداري نه پر لافاني محبت آهي. جيڪڏهن
شومبي کي ٿڏڻ ڪانگو سان دشمني نه پر لوممبا جي مقدس رت جو
جو انتقام آهي ته پوءِ حڪمران ٽولي خلاف احتجاج ۽ هلچل ڏاهر
کان وٺي شهيد عبدالرزاق سومري تائين جي عظيم انسانن جي رت جو
انتقام آهي بدلو آهي، ۽ سر زمين سنڌ جي تاريخي پڪار جو آواز
آهي ۽ اهو آواز هلندو رهندو، بلند ٿيندو ويندو، جيستائين اهو پوري
سنڌ ۾ طوفان ۽ گجگوڙ جي صورت اختيار نه ڪري، سامراج ۽

اُن جي ايجنٽن کي پنهنجي انجام تي نه پهچائي.

هن وقت سنڌ هڪ اهڙي دور ۽ مرحلي ۾ زندگي ۽ موت جي چڪتاڻ ۾ مبتلا آهي. انهي صدين جي ستايل، وڙيل، چيڙيل ۽ چيپاڙيل سنڌ جو چئن ميدانن ۾ استحصال ڪيو پيو وڃي ۽ جڏهن به سنڌ جو باشعور ۽ باغيرت انسان انهي استحصال جي خلاف آواز بلند ٿو ڪري ته کيس ملڪ دشمن، وطن دشمن ۽ قوم دشمن سڏيو ٿو وڃي. پر اسان انهن الزامن کان بيپرواهه ٿي عوام کي پڌائيندا رهيا آهيون ۽ پڌائيندا رهنداسين ته اهي ڪهڙا ميدان آهن ۽ ڪهڙا شعبا آهن جن ۾ سنڌ جو استحصال ڪيو پيو وڃي ۽ ڪير ٿو ڪري؟

پهريون:- سنڌي قوم جو استحصال لساني ميدان تي ڪيو پيو وڃي. سنڌي پريسن، ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن تي بندشون وجهي، اردوءَ جي بالا دستي ۽ حاڪميت هلائي پئي وڃي. اردو اخبارن کي قومي اخبارون قرار ڏئي انهن جي اشتهارن جو اگهه، سنڌي اخبارن جي اشتهارن کان چوڻو مٿي مقرر ڪيو ويو آهي. سنڌي ڪتابن جي انعام جي رقم اردو ڪتابن جي رقم کان اڌوڻي گهٽ مقرر ڪئي ٿي وڃي، ريڊيو ۽ ٽيلويزن تي سنڌي شاعري ڊرامي ۽ ڪهاڻي کي ٻيو درجو ڏنو وڃي. سنڌي ٻوليءَ کي ڪاليجن، اسڪولن، يونيورسٽين، ريڊيو، ٽي-وي، سئنيما، سائين بورڊن، نيم پليٽن ۽ رستن جي نالن جي معاملي ۾ ڪابه اهميت ۽ حيثيت نه ٿي ڏني وڃي. پاڪستان جي ٽي-وي کي پناهگيرن کي راضي ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو اهڙي ريت سنڌي زبان کي پنهنجي ملڪ ۾ بي وڌ جيان بيحال بنايو ويو آهي. هتي اقبال ۽ غالب جهڙن درباري شاعرن کي لطيف ۽ خليفي نبي بخش کان مٿاهون درجو ڏئي، انهن جي بي سواد شاعريءَ کي عام ڪرڻ لاءِ بي دريغ پيسو خرچ ڪيو وڃي ٿو. پاڪستان ٽيليويزن تان غالب ۽ اقبال جا انگريزن جي ساراهه ۾ چيل قصيدا ته نشر ڪيا وڃن ٿا پر خليفي نبي بخش جا سنڌ جي عوام جي تعريف ۽ واکاڻ ۾ چيل شعر نشر نٿا ڪيا وڃن هتي ڪيترن ئي بادشاهن جي مولود خواني ڪندڙ امير خسرو کي ته اهميت ڏني وڃي ٿي پر سچل جهڙي هفت زبان شاعر کي ڀيٽوني ڪونه ٿو وڃي. اهو

سارو زبان جي معاملي ۾ استحصال يو-پي، سي-پي، بهار ۽ اڙيسه کان آيل پناهگير ڪري رهيو آهي.

ٻيو: ثقافت جي ميدان ۾ نه سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت کي اسلام ۽ پاڪستان جي نالي ۽ نعري ۾ ختم ڪيو پيو وڃي. سنڌي عوام تي مغلن جي تهذيب کي اسلامي تهذيب جو نالو ڏئي مڙهيو پيو وڃي. هي عجيب ستم ظريفي آهي جو جهانگير جيڪو اسلامي شريعت مطابق حرامي ٻار هيو تنهن جي ثقافت ته اسلامي ثقافت ۽ لطيف ۽ سائين جي-ايم سيد جيڪي آل رسول آهن، تن جي ثقافت غير اسلامي آهي. مون جهانگير جي لاءِ حرامي لفظ استعمال ڪيو آهي سو ڪيني، حسد، دشمني وچان نه پر نيڪ مسلماني نقطه نظر سان. ڇو ته اسلام ۾ ڪنهن به هندو عورت سان بغير مذهب بدلائڻ نڪاح جائز ڪونهي ۽ اهڙي عورت سان پيدا ٿيل ٻار حرامي ڪري ليکيو ويندو ان کي پيءُ جي ورثي، ترڪي مان ڪوبه حصو نه ملندو ۽ هي ڳالهه سڀني تاريخدانن وٽ تسليم ٿيل آهي ته جهانگير سميت اڪثر مغل شهزادا هندو راڻين جو اولاد هئا جيڪي مغلن جي حرمن ۾ بنا مذهب بدلائڻ جي رهنديون هيون. اهي ماڻهو جيڪي مغلن جي دور ۾ اسلام جي خلاف ورزي ڪري انهن حرامي ٻارن کي حڪومتون به ورثي ۾ ڏياريندا هئا، تن جي ڪا تهذيب ۽ ثقافت تخليق ٿئي ها ڪنهن به صورت ۾ سندن ثقافت سنڌ جي اهل ڪانهي. حقيقت ۾ سوڍوڙي کان وٺي ظفر قاسمي تائين سڀ حرامين جي ثقافت جا مبلغ ۽ علمبردار آهن، اهي اسان تي اسلام جي نالي ۾ اڪيه پنهنجي [illegible] ۾ [illegible] ٺونسي ٿا - اهي حرامين جي ثقافت جا علمبردار پناهگير، ثقافت جي ميدان ۾ اسان جو استحصال ڪن پيا.

ٽيون: سياسي ميدان ۾ اسان جو استحصال پنجاب ڪري رهيو آهي. هن وقت حالت هي آهي جو قومي اسيمبلي ۾ سنڌ، سرحد، بلوچستان مان قومي اسيمبلي جا سڀ ميمبر گڏجي به پنجاب جي قومي اسيمبلي جي ميمبرن کان گهٽ آهن اهڙي ريت آئيني طرح پنجاب جي حڪومت هميشه هميشه لاءِ اسان تي مسلط ڪئي وئي آهي، ڇو جو هي جمهوري اصول آهي ته هر اهو ملڪ جنهن ۾ وفاقي

نظام حڪومت هجي ان ۾ آدمشماري جي بنياد تي صوبن کي نمائندگي ڏيڻ جي ڪا به گنجائش ڪانه هوندي آهي. اهو ان ڪري جو عددي اڪثريت جي بنياد تي هڪ صوبو پوري وفاقي انتظاميه جو مالڪ بنجي وڃي ٿو. جيڪڏهن ڪنهن ملڪ اهڙي غلطي ڪئي به آهي ته اتي بيچيني جا سبب وڌيا آهن ۽ اهي سڀ ملڪ لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيا آهن. انهي ڪري اسان جو مطالبو آهي ته آدمشماري جي بنياد تي نمائندگي ڏيڻ بجاءِ قومي اسيمبلي ۾ برابري جي بنياد تي سڀني صوبن کي نمائندگي ڏني وڃي، ٻي صورت ۾ خراب نتيجا به نڪري سگهن ٿا. نه صرف اسيمبلي ۾ هر نوڪرين وارن، فوج، پوليس ۽ ٻين کاتن ۾ پڻ برابري وارو اصول تسليم ڪيو وڃي.

دوستو اهي چند ڳالهيون جي - ايم سيد جي فڪر جي روشني ۾ عرض ڪيون اٿم. وڏيڪ جي - ايم سيد جي شخصيت تي سان ڳالهايان جڏهن به مون جي - ايم سيد جي عظيم ۽ اڏول شخصيت تي غور ڪيو آهي ته پاڻ کي اٿمن سمجهو اٿم ته هڪڙو ننڍڙو ماڻهو هماليه جي چوٽي ڏانهن ڏسڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، هو ڏسندي ڏسندي سندس نظر ڪم ڪرڻ ڇڏيو ڏئي، پر هماليه جي چوٽي ڪيس نظر نه اچي سگهي. جي - ايم سيد ۾ هزارها خوبين سان گڏ، په شيون تمام اهميت واريون آهن. پهرين هيءَ ته هن جي خودداري ۽ غيرت ايتري ته مضبوط ۽ فولادي آهي جو پاڪستان جو ڪو به حڪمران جي - ايم سيد کي لالچ ڏيڻ جي جرئت نه ڪري سگهيو آهي. ٻي هو ايڏو ته بهادر انسان آهي جو هن جي رڳن ۾ ڊوڙندڙ رت ۾ ظالم جابر کان خوف جو ذرو به شامل ڪونهي. جي - ايم سيد هن ملڪ ۾ هميشه حڪمران ٽولن سان ٽڪر کائيندو رهيو آهي ۽ نتيجي ۾ جيڪي ڪجهه سهائس وهيو واهريو آهي تنهن کي خنده پيشاني سان برداشت ڪندو پيو آيو آهي. پاڪستان جي ڪا به پارٽي ايتري اصول پسنديءَ جو ثبوت پيش ڪري نٿي سگهي. ڇا جماعت اسلامي اصول پسند آهي؟ جنهن معصوم بنگالين جي رت سان پنهنجون ڏاڙهيون رنگي، يحيى خان جي هٿ ٺوڪي حڪومت ۾ وزارتون قبول ڪيون. ڇا نيشنل عوامي پارٽي، ايڏي اصول پسند آهي؟ جنهن قومن جي قاتل آئين تي صحيح ڪري مولوين سان گڏ حڪومتون ورتيون، ڇا پيپلز

ٻارنٽي جنهن کي آئون اهڙو شراب خانو سڏيندو آهيان جتي عـام جي وقت عياش ماڻهو تفريح لاءِ اچي گڏ ٿيندا آهن، اصول پسند آهي.

آخر ۾ آئون اوهان سيني جو ٿورائتو آهيان جو اوهان منهنجون ڳالهيون محبت جي ڪنن سان ٻڌيون.

چڱو جيئي سنڌ —

پورو ٿيو

قيمت : [redacted].

سنڌي قومي ڪتابي سلسلو.

عبدالواحد آريسر:

[illegible] جو ڏاهو:-

خيالي مقصد کي لفظن جي روپ ۾ معنيٰ جي هوبهو فطرت ۾ [illegible] رکڻ ڇڏڻ پر مجازي پڻ چائي ٿو جو پڙهندڙ انهن لفظن وسيلي (پنهنجو ۽ پرائو) اها فطري ڳالهه ۽ [illegible] محسوس ڪندو آهي. جيڪا هوبهو هر ماڻهو ڳالهائڻ سان محسوس ڪرائي نه سگهي-

[illegible] وقت لفظن جو استعمال:

[illegible] جيڪي الڳ الڳ مقصدي سگهه رکندا آهن. هو انهن کي فطري نموني ڇٽي چائي:

- پنهنجن لاءِ: هو پنهنجن لاءِ جڏهن لفظن [illegible] ۽ [illegible] پڙهندو [illegible] تڏهن هر ڏيهي لفظن کي پڻ جو آواز [illegible] پنهنجي ٿي ضمير جو ڄاتو سڃاتو آواز سمجهندو آهي. مثال ڇوڪري جاڳي پوندا آهن [illegible] رتل پلن ۾ [illegible] پوندا آهن:

- ڌارين لاءِ: هو لفظن ۾ جيڪا تڪرار [illegible] پڙهندو آهن (هن جي عملي روپي ڪري) اها انهن جي مجالي ۾ [illegible] وانگر لڳندي آهي. ۽ هو پڇجي پوندا آهن.

- پڙهندڙن لاءِ:

پڙهندڙن کي هو لفظي لطافت سان مجهيل مسئلن جي ڏيئي اتين ڪرائيندو آهي جو هر پڙهندڙ کي پنهنجي [illegible] ۾ [illegible] جو [illegible] به جهاز جي گهڙڪي ڪان ڳرو لڳندو آهي. تن گهڙين ۾ جن ۾ هو ڳالهائي رهيو هوندو آهي. ماڻهن جي [illegible] ڪٿي [illegible] سرڪشو ان پڙ ۾ [illegible] تي ويندو آهي [illegible] آواز ٻڌڻ ۾ رڪو وجهي-

هاڻ ڪجهه جيڪي آهي: ان مان گهڻو ڪجهه نه: هو ڏيهه جي [illegible] جي فطرت جو نه ڄاتو آهي پر ڪيس وٽ ڏيهي فطرت جي آثار تي ڏيهه واسين جي چوڪاري لاءِ تصوراتي [illegible] گهرجون آهن [illegible] سبب ڪانه وڌ نه هو ڏيهه جي عام ماڻهن جي ڏکن پيڙن جيئڻين تي ڏاڍو ڏکويل آهي-

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪائو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر ا سان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، چاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ باروڊَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَمر- گولو،
جيڪي بہ ڪٺين، جيڪي بہ ڪٺين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن ڪي پڙهي سماجي حالتن ڪي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني ڪي چوءِ چالاءِ ۽ ڪينئن جهڙن سوالن ڪي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ ڪي نه رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن ڪي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياکي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)